# 18

# نهري غلاظت: صحت جي خطري کي هڪ وسيلي ۾ تبديل ڪرڻ

# Solid Waste: Turning a Health Risk into a Resource

هن باب ۾: | صفحو


| | |
|---|---|
| قصو: عيسنگ ڪيئن ستي صحت ۽ مانُ ماڻيو | 388 |
| ڪجهہ گند ڪچرو ختم نٿو ٿئي | 389 |
| گاڏڙ ۽ غير تسلي بخش طريقي سان گڏ ڪيل ڪچرو | 390 |
| وسنديءَ جي صفائي ۽ گند ڪچري مان ٻيهر وسيلا حاصل ڪرڻ | 391 |
| سرگرمي: برادريءَ جو ڪِن ڇِن وارا هنڌ گهمي ڏسڻ | 391 |
| قصو: هڪ برادري گند ڪچرو وڪڻي پئسا ڪمائي ٿي | 395 |
| برادريءَ جي نهري غلاظت جو پروگرام | 396 |
| گند ڪچرو گهٽائڻ | 396 |
| قصو: پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش هڻڻ | 397 |
| گند ڪچري جي پيدا ٿيندڙ هنڌ تي ڇانٽي ڪرڻ | 398 |
| ڪامپوسٽ ٺاهڻ: نامياتي گندڪچري کي ڀاڻ ۾ تبديل ڪرڻ | 400 |
| قصو: برادريءَ جو ڪامپوسٽ ٺاهڻ ۽ ريسائيڪل ڪرڻ | 401 |
| جيڪي ڪجهہ ٻيهر استعمال ڪري سگهو ٿا ڪريو | 404 |
| ريسائيڪل ڪرڻ سان ڪچرو هڪ ڪارائتي مواد ۾ مٽجي وڃي ٿو | 404 |
| گند ڪچرو ميڙڻ، نيئڻ ۽ گدامڻ | 406 |
| برادريءَ پاران هڪ رسورس رڪوري سينٽر شروع ڪرڻ | 407 |
| قصو: رسورس رڪوري سينٽر | 408 |
| گندڪچرو سلامتيءَ سان اڪلائڻ | 409 |
| زهريليون غلاظتون | 410 |
| سئنيٽري کڏا | 412 |
| گهٽ ۾ گهٽ گند ڪچرو پيدا ڪرڻ | 416 |
| قصو: نهري غلاظت گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ سوپارو ٿيندڙ ڳوٺ | 416 |
| گند ڪچرو ۽ قانون | 417 |
| قصو: فلپائين انسينريٽر کي غيرقانوني قرار ڏئي ۽ گند ڪچري جا قانون سخت ڪري ٿو | 417 |

# نهري غلاظت:
## صحت جي خطري کي هڪ وسيلي ۾ تبديل ڪرڻ




نهريءَ غلاظت (solid waste) کي رديءَ، گندڪچري ۽ ڪِن ڦِٽ سميت ڪيترن نالن سان سڏجي ٿو. ڪاب نهري غلاظت صحت جا مسئلا پيدا ڪندڙ هجڻ نہ گهرجي. جڏهن تہ اهڙي غلاظت نہ رڳو آمدنيءَ جو ذريعو تہ ٻين ڪيترين شين ۾ وڪرن ٺاهڻ جو وسيلو بہ ٿي سگهي ٿي. پر جڏهن نهري غلاظت سٺي ۽ سلامتي واري طريقي سان ميڙي، ڇانٽي ڪئي، ٻيهر استعمال، ريسائيڪل يا صحيح طريقي سان اڪلائي نہ وڃي تہ اها ڪراهتي، بدبودار هجڻ ڪانسواءِ صحت جا ڪيترائي سنگين مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي.

اسان مان گهڻا اهو سوچي اهڙيون شيون اڇلائي ڇڏين ٿا تہ ٻيو ڪو وڃي انهن کي ٺڪاڻي لڳائيندو. جڏهن تہ اڪثر اهي غريب ماڻهو ئي آهن جن کي مجبوراً اهڙي گندڪچري ۾ رهڻو پوي ٿو جيڪو باقي سڄو سماج پيدا ڪندو رهيٿو تہ ساڳئي وقت اهو بہ غريب ماڻهو ئي آهي جيڪو اهڙي ڪِن ڦِٽ کي ميڙيندو، الڳ، صاف ڪندو ۽ ري سائيڪلڻ رستي ڪمائيتي وڪرن ۾ مٽائڻ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. اسان مان هر هڪ اهو بہ سمجهي ٿو تہ اسانجيءَ صحت ۽ ماحول کي بچائڻ لاءِ اهڙو ڪم ڪرڻ ضروري آهي پر ايئن ڪو ورلي ٿئي ٿو تہ اهڙي ڪم ڪندڙن کي ڪو سٺو اجورو ڏنو يا عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هجي.

ڪنهن بہ گندڪچري جو اهڙيءَ طرح سان اُڪلاءُ ڪرڻ تہ جيئن اهو ماڻهن ۽ ماحول جي صحت لاءِ هاڃيڪار ٿي نہ سگهي، اسانکي گهٽ ۾ گهٽ مقدار ۾ غلاظت پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪو بہ گند ڪچرو پيدا ٿئي ٿو انکي ڪارائتي مواد ۽ وسيلن ۾ مٽائڻ گهرجي. ايئن اسان مان هرهڪ خاص طور تي ڪارخانن ۽ سرڪار کي پنهنجي پنهنجي پيدا ڪيل گندڪچري جي ذميواري کڻڻ گهرجي ۽ شروعات ۾ ئي گهٽ پيدا ڪرڻ، ان جو ٻيهر استعمال ڪرڻ، ريسائيڪل ڪرڻ يا ڪامپوسٽ ٺاهڻ لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي.

## عسينگ ڪيئن سٺي صحت ۾ مان ماڻيو

عسينگ (Eseng) روزانو انڊونيشيا جي شهر بانڊنگ (Banding) جو چڪر هڻي گند ڪچرو ميڙي ايندو هو. جيئن ته سندس گهر آسپاس جي وسندين کان، جتي ڪارائتو گند ڪچرو پيدا ٿيندو هو گهڻو پري هيو تنهنڪري سڄو سڄو ڏينهن ڪيس گند جا وڏا وڏا ٻورا کڻي اچڻو ۽ وڃڻو پوندو هو.

عسينگ هر رات گندڪچرو الڳ ڪري صبح جو هڪ واپاريءَ کي وڪڻي ڇڏيندو هو. ڪانئس ڪي واپاري شيشو ڪي ڌاتو ته ڪي پنو ۽ پاڻا خريد ڪندا هيا. پر جيڪي شيون واپاري ڪانئس خريد نه ڪندا هيا اهي عيسنگ جي گهر جي آسپاس گڏ ٿينديون رهنديون هيون. آهستي آهستي عسينگ جو گهر هاجيڪار گند جو ڍير ٺهبو ويو. سندس لاءِ اهڙو ڪو موقعو نٿي آيو ته جيئن هو اهو وڪڻي سگهي. ورلي، ڪيس اهڙيون بيماريون ٿي پونديون هيون جو هو مهينن تائين ڍيري ٿيو پيو هوندو هو ۽ سندس لاءِ ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. ڪيس جلد جلد تيز بخار ۾ ڏڪڻي ٿي پوندي هئي جو سندس اڳڻ ۾ رکيل پراڻن ٽائرن ۾ مڇر واڌ ويجهه ڪندا رهندا هيا. ايتري سخت پورهئي ڪرڻ باوجود جڏهن پوليس ڪيس دڪانن جي آڏو يا گهٽين ۾ گند ڪچرو ڦولهيندي ڏسندي هئي ته تنگ ڪندي هئي.



عسينگ ۽ ڪن ٻين گندڪچرو ميڙيندڙن گڏجي فيصلو ڪيو ته هڪ اهڙو مرڪز قائم ڪري پنهنجو گڏ ٿيندڙ گندڪچرو وڪرو ڪن ۽ ٻين سان پنهنجي جاڻ ۽ طريقن جو ذڪر ڪن. ان سلسلي ۾ هنن هڪ اهڙي مقامي تنظيم جو دورو ڪيو جيڪا ماحول ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ پتوڙيندڙ هئي. انهن سيني گڏجي هڪ مڪمل رسورس رڪوري پروگرام جي شروعات ڪئي.

ماحولياتي تنظيم، شهري سرڪار کي چيو ته اها، رسورس رڪوري پروگرام جي سهائتا ڪري ۽ پوليس ۽ دڪاندارن کي سمجهائي ته اهي گندڪچرو ميڙيندڙن کي عزت جي نگاهه سان ڏسن. شهري سرڪار جي حامي ڀرڻ تي هڪ اهڙو مرڪز قائم ڪيو ويو، جتي عسينگ ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو گڏ ڪيل گندگچري کي ڇانٽي ڪري ٿي سگهيا. گند ڪچري گڏ ڪندڙ هر ماڻهوءَ کي ڦيٿن وارو گاڏو ڏنو ويو ته جيئن مرڪز تائين گندڪچري آڻڻ ۽ ڇانٽڻ يا سڌو سنئون واپارين تائين پهچائڻ ۾ سهوليت ٿين.

رسورس رڪوري سينٽر، گند ڪچرو ميڙيندڙن کي دستانا ۽ بوٽ به ڏنا ته جيئن، گند ڪچري ۾ موجود تيز ۽ ڇهنبيارن شين جي ڇُهڻ کان سندن بچاءُ ٿي سگهي. جڏهن ماحولياتي تنظيم کي عسينگ کي مليريا ٿيڻ جي خبر پيئي ته هنن سندس صحت مرڪز مان علاج ڪرائڻ ۽ پرگهور لهڻ ۾ مدد ڪئي.

عسينگ اڃان به گند ڪچري گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. سندس هاڻ صحت اڳي کان بهتر رهي ٿي ۽ سندس گهر گند جي ڍير جو ڏِڪ نٿو ڏئي. پوليس ۽ دڪاندار ڪيس ۽ سندس دوستن کي وسنديءَ کي صاف ستري رکڻ سبب گهربل عزت ڏين ٿا. ساڳئي وقت شهري سرڪار به رسورس رڪوري سينٽر ۽ شهر جي صاف ستري رهڻ سبب فخر محسوس ڪري ٿي.

# گاڏڙ ۾ گڏ ڪيل ڪچرو غير تسلي بخش طريقي سان اڪلائڻ



ڪن قسمن جو ڪچرو وري استعمال يا ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو. ڪن قسمن جو ڳري سڙي وڃڻ ۾ هڪ ڊگهو عرصو ته ڪو قسم ڍاڪا وٺي ٿو. جڏهن ته ڪو ڳري سڙي نه ٿو سگهي!

جڏهن اسانجين وسندين جي آسپاس ۾ گند جا ڍير ٿيندا ۽ پکڙبا رهن تڏهن اهي ڪراهت ڏيندڙ ڏير، اٽوٽندڙ ۽ صحت لا ٿين ٿا. جيڪڏهن گند ڪچري جي ڇانٽي نه ڪئي وڃي ته سبب، پيدا ٿيندڙ غلاظت جو مقدار ۽ مسئلا تهائين وڌي وڃن ٿا. پراڻين بئٽرين جي خطرناڪ غلاظت ۽ صحت سنڀال دوران پيدا ٿيندڙ غلاظت جڏهن پني ۽ ڪاڏي پيتي جي ڪچري سان ملندي رهي ٿي ته موت ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙي ملاوت وڌيڪ خطرناڪ ۽ ان جو اڪلاءُ ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

جيڪڏهن گند ڪچري جو صحيح طريقي سان اُڪلاءُ نه ڪجي ته صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ڪري ٿو.

- گند ڪچري جي عام ڍيرن تي، ڪوئا، مکيون، مڇر، ڪاڪروچ ۽ ڪيترا اهڙا جيت واڏ ويجهه ڪن ٿا جن رستي مليريا، ڊينگي، هيپيٽائيٽس ۽ ٽائفس سميت ڪيتريون بيماريون پکڙجن ٿيون.
- گند ڪچري جي ڍيرن ۾ هنڌن تي بيمارين جا جيوڙا پيدا ٿين ٿا. جنهن سبب اتي راند ڪيڏندڙ ٻار ۽ اتان شيون ميڙي وڪرو ۽ استعمال ڪندڙ ماڻهو بيمار ٿي پون ٿا. گند ڪچري ۾ موجود روڳي جيوڙا دستن، ڪالرا، اسڪئبيز خارش، ٽيٽنس، فنگس جهڙيون چمڙي ۽ اکين جون ڪيتريون ئي پکڙجندڙ بيماريون پيدا ڪن ٿا.
- گند ڪچرو ڪسين ۽ نالين کي بنجي ۽ پاڻيءَ جي وهڪ ۾ روڪ پيدا ڪري ٿو جنهن سبب اهڙو پاڻي واپس وهڻ لڳي ٿو، ڍبن ۾ گڏ ٿئي ٿو، ان تي جيت واڌ ڪن ٿا ۽ بارشن ۾ ٻوڏ اچي ٿي. ٻوڏ جي جنهن پاڻيءَ ۾ انساني ڪرفتي ۽ جانورن جي لڏ وهي اچي ٿي ته اها پيئڻ جي پاڻيءَ ۽ زمين کي غليظ ڪري ڇڏي ٿي.
- جڏهن گند ڪچري جا وڏا ڍير ڍهي پون ٿا ته اهي، ڍيرن تي ڪم ڪندڙن يا آسپاس ۾ رهندڙ ماڻهن کي نقصان پهچائين ٿا.
- گند ڪچري جا زهريلا ڪيميائي مادا، پاڻي ۽ زمين ۾ سمي ڪيترن سالن تائين ماڻهن ۾ زهر پکيڙيندا رهن ٿا. ورلي گند جي اهڙن زهريلن ڪيميائي مادن هجڻ سبب اهي ڏماڪي سان ڦاٽي پون ٿا يا باهه لڳي پوين ٿي.
- جڏهن پلاسٽڪ ۽ زهريلو گند ڪچرو ڪليل هنڌن يا انسينريٽرن ۾ ساڙيو وڃي ٿو ته ان سبب هاڃيڪار ڪيميائي مادا هوا ۾ خارج ٿين ٿا ۽ زهريلي رک زمين ۽ پاڻيءَ کي غليظ ڪري ڇڏي ٿي. اهڙا زهريلا ڪيميائي مادا مختصر عرصي ۾ ڇاتيءَ جا انفيڪشن، ڪنگهه، اوڪارا، الٽي ۽ اکين جون بيماريون ته وقت گذرڻ سان گڏ ڪينسر ۽ ڇائي ڄم جهڙيون **سنگين** بيماريون پيدا ڪن ٿا (انسينريشن بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ص. 423).

غلاظت سبب ٿيندڙ بيمارين جي علاج لاءِ ڏسو "جت ويج نه طبيب" يا ڪو بيو صحت بابت عام ڪتاب. نهري غلاظت سان ڪم ڪرڻ دوران دستانا، مکوتو ۽ بوٽ پائي ڪم ڪرڻ سان صحت جي پيدا ٿيندڙ ڪيترن مسئلن کان بچي سگهجي ٿو (غلاظت سان ڪم دوران بچاءَ جي اپائن لاءِ ڏسو ص. 406 ۽ ضميمو (A).

# وسنديءَ جي صفائي ۽ گندڪچري مان ٻيهر وسيلا حاصل ڪرڻ

پنهنجين وسندين کي هاڃيڪار غلاظت کان بچائڻ ۽ اهڙي غلاظت کي ڪنهن ڪارائتي وسيلي ۾ مٽائڻ سان نه رڳو وسنديءَ جي صحت ۽ ان جي ماحول ۾ سڌارو ٿئي ٿو ته پئسي جو بچاءُ به ٿئي ٿو. مثال طور، ارجنٽينا ۾ گندڪچرو ميڙي ساڙڻ سان هڪ ٽوليءَ ڏٺو ته، جيڪڏهن بيونس آئرس شهر جو سڄو گند ڪچرو ميڙي ريسائيڪل ڪيو وڃي ته ان سان هر سال 10 ملين ڊالرن جي بچت ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو پئسو سڄي شهر جي سيني گندڪچري ميڙيندڙن ۾ ورهايو وڃي ته هر مهيني هر فرد کي 150 آمريڪي ڊالر ملي سگهن ٿا.

هر فرد ۽ هر برادري گند ڪچري گهٽائڻ ۽ سٺي طرح سان اڪلائڻ جي ذميواري کڻي سگهي ٿي. جيئن ته برادريون پنهنجي طور تي به گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿيون تنهن هوندي به گندڪچرو هڪ اهڙو سياسي مسئلو آهي جيڪو رڳو سرڪار، صنعتن ۽ برادرين جي گڏيل سهڪار سان تڏهن حل ٿي سگهي ٿو جڏهن سندن منشا ۽ مقصد عام ماڻهن جي صحت سڌارڻ جو هجي. ان ڏس ۾ لازمي طور تي عام ماڻهن ۽ ماحول تان غلاظت جو بوجهه گهٽائڻ لاءِ صنعتن کي ان ڳالهه لاءِ مجبور ڪرڻو پوندو ته اهي، پنهنجو مال ۽ مواد اهڙيءَ طرح سان تيار ڪن ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ غلاظت پيدا ٿي سگهي (ڏسو ص. 458). سرڪار جي سهائتا سان ماڻهن کي اهڙن ڪمن لاءِ همٿائڻ ته جيئن اهي گندڪچري جو ٻيهر استعمال، ريسائيڪل ۽ ٻي مضر طريقن سان اڪلاءُ ڪن جنهن سان پئسي جي بچت ٿيندي، ماڻهن لاءِ نوان ڪم نڪرندا ۽ برادرين جي مسئلن حل ڪرڻ ۾ مدد ٿي سگهندي (ڏسو ص. 395، 401، 408 ۽ 416).

## برادريءَ جو ڪِن چن وارا هنڌ گهمي ڏسڻ

برادرين پاران ڪِن چن گهمي ڏسڻ سان ماڻهن کي وسنديءَ جي گند ڪچري ڏسڻ ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا. ماڻهو گندڪچري بابت پنهنجيون پريشانيون ٻڌائي هڪ صاف ستري ۽ صحتمند وسنديءَ لاءِ پراميد ٿي سگهن ٿا. گهمي ڏسڻ دوران ۽ ان کانپوءِ برادري وسنديءَ کي صاف ستري رکڻ لاءِ گهربل اپائن ۽ رسورس رڪوري جي رٿا تي بحث / ڳالهيون ڪري سگهي ٿي.

### ڪن چن وارا هنڌ گهمڻ لاءِ منظم ٿيڻ

**1 ڪن چن گهمي ڏسڻ لاءِ ماڻهو ڪوٺڻ**

ڪن چن گهمي ڏسڻ واري ڳالهه کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ نه رڳو پاڙي وارن پر انهن کي به سڏيو جيڪي گندغلاظت جو ڪم ڪن ٿا ۽ جنڪي گندغلاظت ميڙڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۽ ان جو انتظام سنڀالڻ جو اختيار هجي ٿو جن ۾ شامل ٿين ٿا:

- ننڍين ڪارخانن جا پورهيت
- پراڻو مال خريد ڪندڙ واپاري ۽ گندڪچرو ڪٺائيندڙ
- اهڙا خريدار جيڪي سنئون سڌو گهرن يا ڊنڊوڙين کان گندڪچرو گڏ يا خريد ڪن ٿا
- اهي غلاظت ميڙيندڙ جيڪي گهٽين، رستن يا ڍيرن تان مال گڏ ڪندا رهن ٿا
- برادريءَ جا اڳواڻ
- اهي سرڪاري ڪامورا جيڪي وسندين کي صاف ستري رکڻ ۾ سهائتا ڪري سگهن ٿا.

## ڪن چن وارا هنڌ گهمڻ لاءِ (هلنڊڙ)

### ❷ ڪن چن گهمڻ کان اڳ ۾ گڏجاڻي ڪريو

اڳ ۾ گڏجاڻي ڪري گهمڻ جي سببن، انلاءِ ڪهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ گهمڻ کانپوءِ هر فرد کي ان ۾ ڪامياب ٿيڻ جي ڪيتري اميد ٿي سگهي ٿي جهڙين ڳالهين تي ويچارڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو. اها ڳالهه سمجهڻ به سڦل ٿي سگهي ٿي ته هر فرد ڪهڙي سبب مائل ٿئي ٿو ڪي اهڙيون شيون ميڙي پنهنجو پيٽ پالي سگهن ٿا جيڪي ٻيا اڇلائي ڇڏين ٿا ته ڪي وري پنهنجيءَ وسندي جي سونهن ۽ صحت بهتر ڪرڻ چاهين ٿا.




### ❸ ڪن چن گهمي ڏسڻ جي رٿا ناهيو

فيصلو ڪريو ته، ڪهڙا هنڌ گهمي ڏسڻا آهن. گڏجي انهن ڳالهين جي لسٽ ناهيو جن ڏانهن ڌيان ڏيڻو آهي جهڙوڪ:

- گندڪچري سبب بند ٿي ويل هوديون، نالين ۽ اهڙا ٻيا وهڪرا ۽ گهٽيون
- رستن ۽ پاڻيءَ جي وهڪرن سان انساني ڪرفتي ۽ جانورن جي غلاظت
- زهريلي غلاظت
- گند جي ڍيرن تي پلجندڙ جانور

برادريءَ جي ڪنهن وڏڙي کي چئو هو ٻڌائي ته، اڄ کان 20 يا 30 سال اڳ اهو هنڌ ڪيئن هوندو هو. گند ڪچرو گهڻو گهٽ يا گهڻو وڌيڪ ٿيندو يا اهو مختلف قسمن جو هوندو هو؟ ان زماني ۾ ماڻهو پنهنجي گند ڪچري لاءِ ڇا ڪندا هيا؟ گهمڻ دوران انهن ڳالهين تي سوچيندا رهو.

## ڪن ڇن وارا هنڌ گهمڻ لاءِ (هلنڌڙ)

4 **گهمو!**

ٽولين ۾ ورهائجي وسنديءَ جا مختلف هنڌ گهمي ڏسو. جيئن تہ مختلف ٽولين کي مختلف مسئلا نظر ايندا تنهنڪري ممڪن ٿي سگهي تہ توهان، رڳو عورتن يا مردن جون الڳ الڳ ٽوليون ناهيو يا نوجوانن جي هڪ الڳ ٽولي يا سيني کي هڪ ٽوليءَ ۾ گڏ ڪريو.

ڏسو تہ گندڪچرو ڪٿي گڏ ڪيو وڃي ٿو ۽ گندڪچري اڪلائڻ لاءِ ڪهڙا وڏ ۾ وڏ عام طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڇا گندڪچري گڏ ڪرڻ جا اتي دٻا موجود آهن؟ ڇا ماڻهو گندڪچرو ساڙي ڇڏين ٿا يا ڪنهن کليل هنڌ تي ڍير ڪندا وڃن ٿا؟ ڪنهن ڪاهيءَ ۾ اڇلائين ٿا يا انسينريٽر ۾ ساڙين ٿا؟ ڇا ڪي شيون ميڙيون، وري استعمال ڪيون يا ريسائيڪل ڪيون وڃن ٿيون جهڙوڪ بوتلون يا اخبارون؟ ڪنهن ڏنڌي/ پيشي سبب پيدا ٿيندڙ غلاظت کي ڪاڏي ڪيو ٿو وڃي؟

هر ٽوليءَ مان ڪنهن هڪ کي اهڙي لسٽ ناهڻ لاءِ چئو يا نظر ايندڙ مسئلن جون ڊرائينگون ڪيندا وڃو جنهن ۾ مختلف قسم جي نظر ايندڙ غلاظت بہ اچي وڃي ٿي.

5 **هر ماڻهوءَ جي گهر ۾ غلاظت ڏسو.**

**اها ڪيتري گهٽي ۽ ڪهڙن قسمن جي آهي؟**



گهمڻ دوران ڪنهن رضاڪار جي گهر وڃي ڏسو اتي، ڪهڙي قسم جي غلاظت ۽ ان جي پيدا ٿيڻ جا ڪهڙا وسيلا آهن. اهڙي گند جو ڪو هڪ پيريل دٻو ڪٽي اهو زمين تي اونڌو ڪري گندڪچري کي پنجن ڍيرين ۾ ورهايو.

- بچيل کاڌو ۽ اهڙي ٻي تَر نامياتي غلاظت
- پلاسٽڪ
- پنو
- ڌاتو
- باقي گندڪچرو

ڏسو تہ ڪهڙو ڍير وڏي ۾ وڏو ۽ ڪهڙو ننڍي ۾ ننڍو آهي؟ اهڙي هر قسم جي غلاظت سان ڇا ٿو ڪيو وڃي؟ گندڪچري طور اڇلائڻ بجاءِ انلاءِ ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ايئن ٻين ڪيترن گهرن جو ٿورو گهٽو گند ڪچرو ڪٺي، ان تي گڏجي بحث ڪريو. باقي بچيل گندڪچرو دٻن ۾ واپس وجهي ڇڏيو!

**ماڻهن جيڪي ڏٺو ان تي گڏجي بحث ڪريو**

6 ساڳئي ڏينهن دير سان (يا ٻئي ڏينهن) سيني ٽولين کي گڏ ڪري بحث ڪريو تہ توهان ڇا سکيو ۽ ڇا سمجهيو.

هر هڪ کي چئو تہ هن. گهمڻ دوران جيڪي ڪجهہ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو اهو ٻين کي ٻڌائي. هر هڪ کي چئو تہ گهر مان گڏ ڪيل غلاظت جي ڪا ذري ڏيکاري ۽ ٻڌائي تہ ڇا هن اهڙي قسم جي غلاظت وسنديءَ ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ ڪو مسئلو پيدا ڪندي يا ٻيهر استعمال يا ريسائيڪل ڪندي ڏٺي آهي؟ ڇا ماڻهو غلاظت جي ناقص اڪلاءَ سبب پيدا ٿيندڙ ڪو ممڪن يا موجوده مسئلو ڏسن ٿا؟ غلاظت اڪلائڻ بابت ڪن ڪٿنبن جا ڪهڙا بهترين ويچار هيا؟

## ڪن ڇن وارا ھنڌ گھمڻ لاءِ (ھلندڙ)

**7 مسئلن جا ڪارڻ ۽ اثر ھڪ لسٽ ٺاھيو**




سھائتڪ / سونھون، ماڻھن پاران نشاندھي ٿيندڙ مسئلا، بورڊ يا ھڪ وڏي پني تي لکي سگھي ٿو. ھر ھڪ کان وسنديءَ جي غلاظت، مسئلن بابت پڇي اھي مسئلن واري ڪالم ۾ لکندا وڃو. پوءِ ڪانئس پڇو ته، اھڙو ھر ھڪ مسئلو برادريءَ جي صحت کي ڪيئن متاثر ڪري ٿو. ٻئي خاني ۾ ھر مسئلي سان لاڳاپيل صحت متاثر ڪندڙ مسئلو لکو.

**8 ايندڙ قدمن جي رٿابندي ڪريو**

ٽوليءَ جي سيني فردن کي چئو ته، اھي مسئلن تي نظرثاني ڪن ۽ ٻڌائين ته انھن کي حل ڪرڻ لاءِ ھو ڪھڙن ممڪن اپائن لاءِ سوچي سگھن ٿا. ٻئي قدم جي شروعات اھڙي مسئلي کي گھٽائڻ جي طورطريقن يا اھو مڪمل طور تي ختم ڪرڻ لاءِ ٿي سگھي ٿي. انلاءِ ھيٺين جھڙا سوال پڇي سگھو ٿا:

- ھر گھر پنھنجي پيدا ڪندڙ گند ڪچري جي مقدار کي ڪيئن گھٽائي سگھي ٿو؟
- اسان ڪامپوسٽنگ ۽ گند ڪچري جي ڇانٽي جي ڪم کي وڌيڪ ڪيئن زور وٺرائي سگھون ٿا؟
- ڇا ڪميونٽي جا ڪي ماڻھو گندڪچري گڏ ڪرڻ جو اھڙو ڌنڌو ڪري سگھن ٿا؟
- ڇا اتي اھڙو ڪو زمين ٽڪرو آھي جتي ڪامپوسٽ جو ڪم يا رسورس رڪوري مرڪز قائم ڪري سگھجي؟
- ويجھي ۾ ويجھي ڪھڙي ھنڌ تي ريسائيڪلنگ پلانٽ موجود آھي؟
- مقامي سرڪار، برادريءَ جا اڳواڻ، ڪارخانا ۽ ڪاروباري گندڪچري سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪھڙي ذميواري کڻي سگھن ٿا؟

## هڪ برادري گند ڪچرو وڪڻي پئسا ڪمائي ٿي

برازيل جي شهر، ڪوريٽيبا (Curitiba) جي غريب آبادي ۾ گندڪچري جا ڪيترائي موجود واٿڪا ڍير سدائين بيماريون پيدا ڪندڙ ڪوئن جي واڌ ويجهہ جا هنڌ رهيا آهن. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوريٽيبا جي شهري ڪائونسل هڪ پروگرام شروع ڪيو، جنهنکي "پنهنجو گند نہ اڇلايو- اسان خريد ڪنداسين" سڏيو ٿي ويو. شهري ڪائونسل ڪاٿو لڳايو تہ گندڪچري جي سيني ڍيرن کي صاف ڪرڻ تي ڪيترو خرچ اچي سگهي ٿو. پوءِ اهو ڪم ڪنهن بہ ٻاهرين ڪمپنيءَ کي ڏيڻ بجاءِ حساب ڪيو تہ، گندڪچري جي هر ڪٽي تي جيترو خرچ ايندو، هنن اهو اتان جي رهواسين کي آڇيو.




گندڪچري ميڙڻ سان پئسن ڪمائڻ سميت هر فرد کي ميونسپالٽيءَ جي ٽرڪ تائين هر ڪٽي جي حساب سان ڪين شهر تائين سفر ڪرڻ لاءِ مفت ۾ هڪ ٽڪٽ بہ ڏني ٿي ويئي. جيئن تہ اهڙيون وسنديون شهري مرڪز کان گهڻو پري آهن تنهنڪري سندن لاءِ اهي ٽڪيٽون گهڻيون قيمتي هيون. شهري ڪائونسل پڻ هر ڪٽي جي حساب سان چندو ڏنو تہ جيئن برادرين لاءِ باغ باغيچا ۽ ٻيون رٿائون هلائي سگهجن. جن هنڌن تي اڳ ۾ گند جا ڍير موجود هوندا هيا هاڻ اتي، ڪيترائي باغ باغيچا ۽ وڻ ٽڻ موجود آهن. جنهن سان سڄي برادريءَ جي صحت ۾ پڻ سڌارو آيو.

تازو لڏي آيل پناهگير جن کي ڪا نہ ڪا معذوري هئي يا اهي جن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم جي گهرج هئي، تن کي رسورس رڪوري مرڪز ۾ گندڪچري جي ڇانٽي ڪرڻ جا بي مضر ڪم ڏنا ويا. ڪاڏي پيتي ۽ باغيچن جي گندڪچري کي ڪامپوسٽ طور شهري باغيچن، مقامي فارمن ۽ باغن ۾ استعمال ڪيو ويو. پلاسٽڪ ۽ ڌاتن جون شيون مقامي ڪارخانن کي وڪرو ڪيون ويون. پلاسٽڪ فوم جون ذريون ذريون ڪري بلنڪٽن ۾ پريون ويون.

پروگرام شروع ڪرڻ جي ڪجهہ سالن ڪانپوءِ شهري ڪائونسل، هڪ اهڙو پروگرام تيار ڪيو جيڪو اڳي کان بہ گهڻو شاندار هيو. هنن شهر جي ويجهن آبادگارن کان سڌوسنئون مناسب قيمت تي کاڌخوراڪ جون شيون خريدڻ شروع ڪيون ۽ ماڻهن کي گندڪچري جي هڪ ڪٽي جي عيوض کاڌخوراڪ جو هڪ ڪٿو ڏيڻ شروع ڪيو. ايئن ڪرڻ سان آبادگارن کي، پنهنجي اپت وڪرو ڪرڻ ۾ سهوليت ٿي، غريب آبادين ۾ رهندڙ ڪٽنبن جي کاڌخوراڪ ۾ واڌارو ۽ سڌارو ٿيو تہ ٻئي طرف سڄو شهر بہ صاف سٿرو ٿي ويو.

# برادريءَ جي نهري غلاظت جو پروگرام




هڪ دفعو جڏهن ڪا برادري، غلاظت سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن کي سمجهڻ ۾ ياڳي پائيوار ٿئي ٿي تہ اها گڏجي اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي ٿي ۽ اهڙيون رٿائون شروع ڪري ٿي جيڪي برادرين جي ضرورتن ۽ لياقتن مطابق هجن ٿيون.

ڪنهن برادريءَ جي نهري غلاظت جي پروگرام ۾ هيٺيان سڀ قدم/ ٽپ اچي وڃن ٿا. (اهڙي هر ٽپ بابت وڌيڪ ايندڙ صفحن تي ڏسو).

- ڪوشش ڪري **گهٽ** غلاظت پيدا ڪريو. خاص طور تي زهريلي غلاظت ۽ اهڙا مادا جيڪي ريسائيڪل نہ ٿا ڪري سگهجن.
- جتي گندڪچرو پيدا ٿئي ٿو اتي ئي ان جي **ڇانٽي** ڪري الڳ ڪرڻ سولو ٿئي ٿو تہ ڪٺو ڪرڻ ۾ بہ آسان.
- کاڌ خوراڪ جي ڪچري ۽ نامياتي گند کي **ڪامپوسٽ** ۾ مٽايو.
- جڏهن بہ ممڪن ٿي سگهي اهڙي مواد کي **ٻيهر استعمال** ڪريو.
- مختلف قسمن جي مواد کي **ريسائيڪل** ڪريو ۽ سرڪار ۽ صنعت لاءِ منظم ٿيو تہ اهي برادريءَ لاءِ ريسائيڪلنگ جا پروگرام شروع ڪن.




- گندڪچرو **ميڙڻ، نيڻ ۽ گدامڻ** لاءِ سلامتيءَ وارا طريقا استعمال ڪريو. جيڪي فرد اهڙو ڪم ڪن ٿا تن جي عزت ڪريو ۽ کين سٺو اجورو ڏيو.
- اهڙو گندڪچرو جيڪو نہ تہ ٻيهر استعمال ۽ نہ ئي ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو ان کي **سلامتيءَ** واري طريقي سان اڪلائيو.

### گند ڪچرو گهٽائڻ

اهڙو گندڪچرو جيڪو اسانجين گهٽين، گهرن ۽ زمينن تي اچي دنگ ڪري ٿو ان جي شروعات صنعتن رستي ٺهندڙ اهڙين شين جي صورت ۾ ٿئي ٿي جيڪي نہ تہ وري استعمال ۽ نہ ئي ريسائيڪل ڪري سگهجن ٿيون. برادريءَ جي گندڪچري اڪلائڻ جي دائمي پروگرام جو هڪ مقصد هي بہ ٿئي ٿو تہ ماڻهن ۾ اهڙين شين ۽ مواد استعمالڻ لاءِ ڪوششون ڪجن جن سان شروعات ۾ ئي گندڪچرو پيدا نہ ٿئي. گندڪچري گهٽائڻ جا اهڙا ڪجهہ طريقا آهن:

- اهڙيون شيون ڪڏهن بہ خريد نہ ڪجن جيڪي ٻين ڪيترين شين ۾ ويڙهيل/ بند يا پئڪ ٿيل هجن
- شيشي ۽ پاڻي کي پلاسٽڪ ۽ ڌاتوءَ جي شين تي اهميت ڏيڻ
- خريداري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٿيلي يا ڪپڙي جي ڳوٿري استعمال ڪرڻ ۽ دڪاندار کان پلاسٽڪ جي ٿيلهين وٺڻ کان انڪار ڪرڻ
- کاڌي جون شيون گهڻي مقدار ۾ وٺڻ تہ جيئن پئڪنگ گهٽ ٿئي جيڪا گهر آڻڻي پوي ٿي
- جيڪي بہ شيون ٻيهر ناهي يا وري استمال ڪري سگهو ٿا ڪريو ۽ جڏهن ممڪن هجي تہ پراڻيون شيون خريد ڪريو.




برادريون چاهين ته دڪاندارن ۽ مقامي حڪومتن سان گڏجي اهڙي مواد جي استعمال کي شروع ۾ ئي روڪي سگهن ٿيون جيڪو وسنديءَ ۾ اڪلائڻ يا صحت جا مسئلا پيدا ڪندڙ ٿئي ٿو. برادريءَ جي تنظيم، حڪومتن تي دٻاءُ وجهي اهڙن قانون جوڙڻ لاءِ چئي سگهي ٿي جن رستي مجبوراً ڪاروباري ماڻهو پنهنجي گهٽ ۾ گهٽ غلاظت پيدا ڪن ۽ پيدا ڪيل گندڪچري جي ذميواري کڻي سگهن.

## پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش هڻڻ

الاسڪا جي هڪ ڳوٺ اِموناڪ (Emmonak) ٻاهران، عام طور تي گند جي ڍيرن تي اڇلايل پلاسٽڪ جون ٿيلهيون هوا رستي اڏامنديون پر واري ڳوٺ گئلينا جي وڻن ۾ اڇي قاسي پونديون هيون يا ويجهي يوڪان نديءَ ۾ وهنديون رهنديون هيون. ڪوٽلڪ (Kotlik) وٽ جتي ندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون مئل لڏڻن ۽ سالمن مڇي کي ويڙهيل نظر ايندريون هيون.

جيئن ته 3 ڳوٺ اڳ ۾ ئي، سال 1998 ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش هڻي چڪا هيا ان سبب اتي اهڙو مسئلو موجود نه هيو. انهن ڳوٺن جي مثال تي عمل ڪندي الاسڪا رياستن جي 30 وڏيڪ وسندين ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش وڌي ويئي جيڪا آهستي آهستي ٻين وسندين تي لاڳو ٿي رهي آهي. ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن کي پني جي ٿيلهين استعمالڻ يا ڪپڙي جي ٿيلهين کڻڻ لاءِ همٿايو ويجي ٿو جيڪي ڪيترا ئي دفعا سالن تائين استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

الاسڪا ۾، پلاسٽڪ جي ڪچري خلاف هلندڙ هڪ مهم جي حصي طور، ماحولياتي بچاءُ جي رياستي کاتي ۽ يوڪان رور انٽرٽرائيبل واٽرشيڊ ڪائونسل ماڻهن کي اهو سيکارڻ شروع ڪيو ته پلاسٽڪ جي ٿيلهين کي ٻين شين ٺاهڻ لاءِ ڪيئن استعمال ڪري سگهجي ٿو. هاڻ، ماڻهو پلاسٽڪ جي ٿيلهين کي پٽين ۾ ڪٽي انهن مان دستي ٿيلها، پنيءَ جا ٿيلها، پائدان، ٽوڪريون ۽ ٻيون ڪيتريون ڪارائتيون شيون ٺاهين ٿا. ان ڪانسواءِ هو اهڙين پٽين جو وڪرو ڪري پئسو به ڪمائين ٿا جيڪا اڳ ۾ سندن ڪسين ۽ نالين کي ٻنجيندڙ ۽ روڊن رستن تي اڏامندي رهندي هئي.



## گندڪچري جي پيدا ٿيندڙ هنڌ تي ڇانٽي ڪرڻ

ڪاڏي جي ڪچري کي، بيڪار پني ۽ شيشي وغيره کان الڳ ڪرڻ سان ان جو ٻيهر استعمالڻ، ريسائيڪلڻ ۽ اڪلائڻ سولو ٿئي ٿو ۽ اهڙي گڏيل گندڪچري سبب صحت جي مسئلن پيدا ٿيڻ کان بچاءُ ٿئي ٿو (ڏسو ص. 390). گندڪچري کي سٺيءَ طرح سان اڪلائڻ جو پهريون قدم ان جي ڇانٽي ڪرڻ مسئلي جو اپاءُ ته ٿئي ٿو پر تنهن هوندي به ڇانٽي ڪرڻ ڪانپوءِ ان جي اڪلائڻ جو سٺو طريقو موجود هجي ته بهتر ٿئي ٿو. جو ته گند جي ڇانٽي ڪرڻ ان سرشتي جو رڳو هڪ حصو ٿئي ٿو جنهن ۾ ان جو ٻيهر استعمال ڪرڻ، ڪامپوسٽنگ ٺاهڻ، عام طور تي گند گڏ ڪبو رهڻ، ريسائيڪلنگ ڪرڻ ۽ سلامتي سان اڪلائڻ شامل ٿين ٿاهن.

### گندڪچري کي الڳ الڳ ڪرڻ جا طريقا

شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ گندڪچري جو هڪ وڏو حصو **نامياتي** يا **تر غلاظت** جو ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪاڏي جي ڪچري ڪانسواءِ باغيچن جو گند جهڙوڪ: سڙيل ۽ ڪريل پن ۽ سڙي ويل ٻوٽا ٿين ٿا. نامياتي گند ڪچرو اس ۽ پاڻيءَ سبب سڙي ڳري وڃي ٿو يا جاندار (ڪينئان، جيت ۽ بئڪٽيريا) اهي ڪائي ختم ڪري ڪامپوسٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا (ڏسو ص. 400).

گندڪچري ۾ عام طور تي پنو شيشو ڌاتو ۽ پلاسٽڪ جام ٿئي ٿي. اهڙي گند جو هڪ وڏو حصو پئڪنگ جو اهو ڪچرو ٿئي ٿو جيڪو اڇلايو وڃي ٿو. جڏهن ته، گهريلو گند ۾ رنگ، بئٽريون، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون، موٽر گاڏين جو تيل، پراڻيون پيسٽيسائيڊون ۽ صفائيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ شين جا دٻا ۽ بوتلون ٿي سگهن ٿيون.

### گندڪچري کي ٻن قسمن ۾ ڇانٽڻ

خشڪ گند ڪچرو الڳ الڳ ڪري ٻيهر استعمال، ريسائيڪل ڪيو يا ڪڍڻ ۾ اڇلايو وڃي ٿو.







تر گند ڪچرو ڪامپوسٽ ۾ مٽجي وڃي ٿو

### گندڪچري کي 3 يا وڌيڪ قسمن ۾ ورهائڻ



زهريلو گند ڪچرو خبرداريءَ سان ڪٽڻو ۽ اڪلائڻو پوي ٿو (ڏسو ص. 410).




وري استعمال يا ريسائيڪل ٿيڻ جوڳو ڇانٽي ڪري ٻيهر استعمال، ريسائيڪل ڪيو يا ڪڍڻ ۾ اڇلايو وڃي ٿو.



تر گند ڪچرو ڪامپوسٽ ٿي وڃي ٿو.

## گندڪچري جي ڇانٽي ڪرڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟

جيڪي گهر يا ڪاروباري, اهڙو گندڪچرو پيدا ڪن ٿا سي ئي ان جي ڇانٽي ڪري سگهن ٿا يا اهي جيڪي ميڙيندا رهن ٿا. بهرحال, برادري اهڙي گندڪچري ميڙڻ, الڳ ڪري ٻيهر استعمالڻ, ريسائيڪلڻ يا اڪلائڻ لاءِ ڪهڙو به طريقو استعمال ڪري, ضروري ٿئي ٿو ته اهڙي ڪم ڪندڙن جي عزت ڪئي ۽ کين پنهنجي محنت جو اجورو ڏنو وڃي.

گندڪچرو ميڙيندڙ ان جي ڇانٽي ڪري قيمتي وکر وڪڻي پئسو ڪمائي سگهن ٿا ته باقي ڇانٽي ڪيل گند ريسائيڪل ڪندڙ سينٽر پهچائي سگهن ٿا. ڪي گند ميڙيندڙ ڇانٽي ڪيل گندڪچري جا گهر وارن کي ٿورڙا پئسا به ڏين ٿا يا جنهن ڪچري جي ڇانٽي نٿي ڪئي وڃي ان جي ڪڻڻ جو ٿورڙو معاوضو به وٺن ٿا.

جيڪڏهن گهر ۾ گند ڪچري جي ڇانٽي ڪئي وڃي ٿي ته, خشڪ گند تيستائين گهر اندر دٻن ۾ رکي سگهجي ٿو جيستائين اهو کنيو نٿو وڃي. جڏهن ته, تر ڪچرو ٻاهر رکي منجهائنس گهر جي باغيچي يا پاڙي جي ڪامپوسٽ پروگرام لاءِ گڏ ڪري سگهجي ٿو (ڏسو ص. 400 کان 403).



گند ڪچري اڇلائڻ ڪانپوءِ ان جي ڇانٽي ڪرڻ نه رڳو خطرناڪ پر غيرموثر به ٿئي ٿو تنهنڪري اهڙي گند جي گهر يا ڪاروباري هنڌ تي ڇانٽي ڪرڻ گهرجي.

## ڪامپوسٽ ٺاهڻ: نامياتي گندڪچري کم



تيار ٿي ويل ڪامپوسٽ بوءِ ۾ سٺي ۽ ڪنهن ٻيلي جي مٽيءَ جيان نرم ۽ رنگ ۾ گهري محسوس ٿئي ٿي.

جيئن ته عام طور تي ڪنهن به گندڪچري جو هڪ وڏو
ڪاڌي جي ڪچري جي ڇانٽي ڪري ان مان ڪامپوسٽ
ڪچري گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. مٽيءَ سان ڪامپوسٽ ملا
آهي جنهن سان فصلن جا غذائي جزا واپس زمين سان ملا

ڪامپوسٽ ٺاهڻ جو بهترين طريقو ان ڳالهه تي مدار رکي ٿو ته زمين جو ڪيترو ٽڪرو موجود ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ننڍي پئماني تي ڪامپوسٽ هر گهر يا ڪاروباري هنڌن تي دٻن ۾ ٺاهي سگهجي ٿو. وڏي پئماني تي ڳوٺن ۽ شهرن يا ٻارن ۾ اهڙن هنڌن تي ٺاهي سگهجي ٿو جتي گند جي وڏن ڍيرن جي گنجائش تي سگهندي هجي (ڪامپوسٽ استعمال ڪرڻ لاءِ ڏسو ص. 287).

### سانپن سان ڪامپوسٽ ڪيئن تيار ڪجي



سانپا قدرتاً بهترين ڪامپوسٽ جوڙيندڙن/ٺاهيندڙن منجهان ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن ننڍي دٻي ۾ صحتمند سانپا وجهي ڇڏبا ته اهي هڪ سڄي گهر جي کاڌخوراڪ جو ڪچرو کائي ان سان توهانجي باغيچي جي مٽيءَ کي زرخيز ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن توهان وٽ ڪامپوسٽ ٺاهڻ لاءِ زمين ٽڪرو ناهي ته هڪ ننڍڙي دٻي ۾ سانپن رستي کاڌي جي ڪچري مان ڪامپوسٽ ٺاهي سگهو ٿا.

سانپن جو دٻو تمام سادو...

1. ڪاٺي يا پلاسٽڪ جي دٻي ۾ سوراخ ڪريو ته جيئن منجهس هوا جو گذر ٿئي ۽ پاڻي ۽ مٽي خارج ٿي سگهي.
2. سوراخدار دٻي هيٺان هڪ ٻيو دٻو يا ٿالهي رکو جنهن ۾ سانپن رستي پيدا ٿيندڙ زرخيز مٽي گڏ ٿيندي رهي.
3. مٽئين دٻي کي پني جي ڪاتر، پلال ۽ ڪاڌي جي ذرين پرزين سان پري ڇڏيو. ڪنهن باغيچي يا ٻنيءَ مان سانپن سان ڀريل هڪ بيلچو پري اهو دٻي ۾ وجهي ڇڏيو.
4. وقفي وقفي سان دٻي کي ڪاڌي جي ڪچري سان ڀريندا رهو ۽ گهميل رکو پر نه کي گهٽو آلو. دٻي کي مٿان ڍڪي ڇڏيو ته جيئن سانپن جو اس کان بچاءُ ٿي سگهي.



...يا ڳوڙهو به ٿي سگهي ٿو

توهان جيڪي ڪجھ دٻي ۾ وجهندا رهندو، سانپا اهو کائي مٽيءَ کي زرخيز ڪندا رهندا ۽ آهستي آهستي سانپن جي انگ ۾ به واڌارو ٿيندو رهندو. ممڪن ٿي سگهي ٿو ته، ڪي سانپا هيٺين دٻي يا ٽري ۾ ڪري پون. اهي ڪٺي يا ته واپس مٿئين دٻي ۾ يا پنهنجي باغيچي ۾ نئين مٽيءَ سان ملائي ڇڏيو.

## برادريءَ جو ڪامپوسٽ ناهڻ ۽ ريسائيڪل ڪرڻ

ڪنهن دور ۾ بينن (Benin) جي گاديءَ واري هنڌ، پورٽو نووو (Porto Novo) جي روڊن رستن تي 4 ماڙين جيترا اوچا، گند ڪچري جا ڍير سڙندا رهندا هيا. توهان سمجهي سگهو ٿا ته ان سبب صحت جا ڪيترا نه هاجيڪار مسئلا پيدا ٿيندا هوندا، ايتري ته بدبوءِ هوندي هئي جو اتي رهڻ لاءِ ڪنهن جي به دل نه چوندي هئي. ڪن ماڻهن گڏجي اتي ڪامپوسٽنگ سينٽر شروع ڪرڻ لاءِ سوچيو ته جيئن گند ڪچري کي ڪارائتي پاڻ ۾ تبديل ڪري سگهجي.

اتي، هڪ سماجي خدمتگار تنظيم جي مالي سهڪار سان هڪ ريسائيڪلنگ ۽ ڪامپوسٽ مرڪز قائم ڪيو ويو. هڪ فرانسيسي تنظيم، پورٽو نووو کي 1 ٽريڪٽر ۽ 2 ٽراليون ڏنيون. هنن ٽراليون ريلوي اسٽيشن ۽ فوٽ بال اسٽيڊيم پر سان بيهاري ماڻهن کي اتساهيو ته پنهنجو گند ڪچرو ٽرالين ۾ اڇلائين. هاڻ، هر شام جو گند ڪچري سان ڀريل ٽراليون، ٽريڪٽر رستي ريسائيڪلنگ مرڪز پهچايون وڃن ٿيون جتي نوجوان گند ڪچري جي ڇانٽي ڪن ٿا.

نامياتي غلاظت ڪڍڻ ۾ اڇلائي، ناريل جي پنن سان ڍڪي ڪامپوسٽ ناهي وڃي ٿي. ڪامپوسٽ ناهيندڙن جي نظرداري هيٺ ان جي گهم، هوا ۽ گرمائش جي چڪاس ڪري پڪ ڪندا رهن ٿا ته جيئن غلاظت ترت ڳري سڙي سگهي. 2 مهينن ڪانپوءِ ڪامپوسٽ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي.

هن رٿا تي ڪم ڪندڙن ڪيترن نوجوانن ته ڪامپوسٽ جو مارڪيٽي باغباني لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. اقوام متحده جي ترقياتي پروگرام جي مالي سهڪار سان مرڪز، ٻج ۽ زمين حاصل ڪري فصل پوکڻ به شروع ڪيا آهن. بينن جي هن علائقي ۾ مٽي زرخيز ناهي جو حد کان وڌيڪ استعمال سبب بيڪار ٿي وئي آهي. پر هاڻ، ڪامپوسٽ سبب زمين جي زرخيزي وڌي وئي آهي ۽ نوجوان آبادگار غذائيت سان ڀرپور تازيون سبزيون اپائي رهيا آهن. ڪيترائي ڪامپوسٽ خريد ڪري پنهنجين واڙين کي زرخيز ڪري رهيا آهن.

ڪامپوسٽ سينٽر سبزيون ۽ ڪامپوسٽ وڪڻي جيڪو پئسو ڪمائي ٿو ان مان وڌيڪ اوزار / مشينون خريد ڪيون ۽ بيروزگار ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي ٿو جيڪي گند ڪچري جي ڇانٽي ڪندڙن ۽ مارڪيٽي باغبان طور ڪم ڪن ٿا. ايئن اها رٿا نه رڳو پنهنجي سهائتا پاڻ ڪري ٿي ته آهستي آهستي زور به وٺندي وڃي ٿي.

### آهستي ٺهندڙ ڪامپوسٽ ڪيئن ناهجي

هن طريقي سان ڪامپوسٽ ناهڻ لاءِ گهٽ جاءِ ۽ گهٽ محنت ڪرڻي پوي ٿي ته ڪامپوسٽ ٺهڻ ۾ اٽڪل 6 مهينن جيترو وقت لڳي وڃي ٿو.

1. زمين ۾ 60 س.م ڊگهو ۽ 60 س.م موڪرو ۽ 1 ميٽر اونهو کڏو کوٽيو.
2. کڏي ۾ خشڪ ۽ تر گاڏڙ نامياتي گند ڪچرو وجهي ڇڏيو.
3. نامياتي مادي کي هر 20 س.م ڪانپوءِ مٽيءَ جو 3 س.م تهه ڏئي پاڻي ڏيو ته جيئن گهميل رهي (نه ڪي تر).
4. کڏي کي ڍڪي ڇڏيو ته جيئن، مينهن جو پاڻي وڃي نه سگهيس. هڪ هفتي ڪانپوءِ ڪامپوسٽ کي ڳرڻ سڙڻ گهرجي. گند ڪچري جو اهڙو ڍير جيئن ئي ڳرڻ سڙڻ لڳندو ته گرم ٿي سسندو / وپهندو ويندو.

## جيڪي ڪجهه ٻيهر استعمال ڪري سگهو ٿا ڪريو

عام طور تي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو پيدا ڪيل گند ڪچرو ڪنهن ٻئي لاءِ ڪارائتو ٿئي ٿو. سڄيءَ دنيا جا ماڻهو اڇلايل مواد کي ٻيهر استعمال ڪرڻ لاءِ نوان نوان طريقا ڳولهي ڪڍن ٿا. جنهن سان نه رڳو پئسي جو ته ماحول جو به بچاءُ ڪن ٿا.



اڇلايل شين مان ڪيترين شيون سولائيءَ سان ٺاهي سگهجن ٿيون

- **ٽائرن** مان سئنڊل، ٻاٽليون ۽ ڪونڊيون ٺاهين ٿا
- **ٽين جي دٻن** مان ٻتيون، ڪونڊيون ۽ مِٽ ٻتيون جهلڻو
- **ڪاڏي جي مومي** (waxed) دٻن مان شاپنگ بئگس
- **ناريل جي ڪوپن** مان ڪوپ، ڪانٽا ۽ چمچا
- **ڪيلن جي پنن** مان پليٽون، پيالا ۽ وٽا
- **بيڪار ڌاتوءَ** مان چلها، ٻتيون ۽ آرٽ جون شيون
- **پني جي ڪاتر** مان ٺوٽا ٺاهي باهه ٻارڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا
- **ڪاٺ جي ٻُوري** کي ڪامپوسٽ طور استعمال ڪرڻ، خشڪ ڪاڪوسن لاءِ يا ڪنهن ٻئي ناميا تي مادي سان پيڙي منجهانئس ٻارڻ لاءِ ٺوٽا ٺاهي سگهجن ٿا.

## ريسائيڪل ڪرڻ سان ڪچرو هڪ ڪارائتي مواد ۾ مٽجي وڃ



رڳو اليومينيم جي ڇهن دٻن کي ريسائيڪل ڪرڻ سان ايتري بجلي بچائي سگهجي ٿي جنهن سان 18 ڪلاڪ ٽي وي هلائي سگهجي ٿي.

جيڪو مواد وڌيڪ ڪارائتو نٿو رهي، تنهنکي ريسائيڪل ڪرڻ سان هڪ اهڙي ڪارائتي مواد ۾ مٽائي منجهانئس ڪيترين استعمال جوڳيون شيون ٺاهي سگهجن ٿيون. ڪن قسمن جي مواد (ڌاتو ۽ رٻڙ) جي ريسائيڪلنگ لازمي طور تي ڪارخانن ۾ ڪرڻي پوي ٿي. جڏهن ته باقي مواد جهڙوڪ: پني ۽ شيشي لاءِ جيئن ته گهٽ اوزار/ مشينون ۽ جاءِ گهربل ٿئي ٿي تنهنڪري انهن جي ريسائيڪلنگ ننڍن ڪارخانن يا گهرن ۾ ڪري سگهجي ٿي.

گند ڪچري گهٽائڻ لاءِ ريسائيڪلنگ ڪرڻ هڪ اهم طريقو آهي. جڏهن ته ريسائيڪلنگ ڪرڻ لاءِ سرڪار ۽ صنعت جي سهڪار سميت برادرين ۽ ماڻهن ۾ اهڙي جذبي جو هجڻ ضروري ٿئي ٿو. جيڪڏهن ريسائيڪل ٿيل شين جو مارڪيٽ ۾ وڪرو نٿو ٿي سگهي يا سلامتيءَ سان ريسائيڪل نه ڪري سگهجن تڏهن ريسائيڪل ڪرڻ سان ڪو به فائدو نٿو ٿئي.

ريسائيڪل ڪرڻ سان نيون شيون نه ٺهن ٿيون ۽ گند ڪچرو گهٽ پيدا ٿئي ٿو ته ساڳئي وقت نئين شين ٺاهڻ تي خرچ ٿيندڙ توانائيءَ جي به بچت ٿئي ٿي. مثال طور، ڪنهن پني کي ريسائيڪل ڪرڻ تي 2/3 گهٽ توانائي خرچ ٿئي ٿي بنسبت نئين پني ٺاهڻ جي يا بيڪار لوهي ٽڪرن مان فولاد ٺاهڻ جي بنسبت ڪچ ڌاتوءَ مان ٺاهڻ جي. ساڳئي طرح سان اليومينيم جي بيڪار ٽڪرن مان اليومينيم ٺاهڻ تي گهٽ توانائي خرچ ٿئي ٿي، بنسبت اليومينيم جي ڪچ ڌاتوءَ مان ٺاهڻ جي.




**ري سائيڪل ڪرڻ:**

- اهڙي نهري غلاظت جو مقدار گهٽجي ٿو جيڪا اسانجي ماحول کي غليظ ڪندي رهي ٿي.
- اهڙي نهري غلاظت جي مقدار ۾ گهٽتائي اچي ٿي، جيڪا اڇلائڻي پوي ٿي، جاءِ ۽ پئسن جي بچت ٿئي ٿي.

اهڙيون شيون هڪ ڀيري کان وڌيڪ ڀيرا استعمال ڪرڻ سان وسيلا گهه

- مقامي ۽ قومي اقتصاديات جي بچت ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته گهٽ خام مال ٻا

## ڪهڙي قسم جو مواد ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو

ڪهڙي قسم جو مواد ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو ان جو مدار مقامي ريسائيڪل ڪندڙ صنعتن تي ٿئي ٿو.

**شيشو** واري، سوڊا ڪار ۽ چُن مان ناهيو وڃي ٿو. جڏهن نيڪال ڪيو وڃي ٿو تڏهن آهستي آهستي ڀُري ته وڃي ٿو پر پنهنجي اصلي وڪرن ۾ ٽٽي ٽٽو سگهي تنهنڪري شيشي کي ريسائيڪل ڪرڻ لاءِ اهو رنگ آهر ڇانٽي ڪري، رجائي پاٽيٽ ۾ تبديل ڪيوءِ نون ڍولن ۾ آندو وڃي ٿو. جڏهن ته ڪجهه شيشو روڊن ۽ عمارتن اڏڻ جي موادن ۾ به ريسائيڪل ڪيو وڃي ٿو. شيشي جون ڪيتريون شيون جهڙوڪ بوتلون ريسائيڪل ڪرڻ بجاءِ ڌوئي وري استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

**اليومينيم** جنهن ڪچ ڌاتو مان ناهيو وڃي ٿو ان کي باڪسائيٽ (bauxite) سڏجي ٿو جيڪا زمين مان کوٽي ڪڍي وڃي ٿي. اڇلائڻ ڪانپوءِ پنهنجي اصل ڌاتوءَ ۾ ٽٽي نٽي سگهي پر شيشي وانگي ڀُرندي وڃي ٿي. اليومينيم پگهاري نون دٻن ۽ شين ۾ ريسائيڪل ڪئي وڃي ٿي.

**ٽن** قلعي ڪيل اسٽيل جي دٻن جهڙوڪ: سُوپ ۽ ميوں وارن دٻن مان الڳ ڪري ريسائيڪل ڪيا وڃن ٿا. پوءِ اسٽيل ۽ ٽن کي ڌوئي وڪرو ڪيا يا منجهائنن دٻا يا ٻيون شيون ناهيون وڃن ٿيون.

**ربڙ** وڻن جي سمنڊڙ قدرتي رال ۽ پيٽروليم مان ناهيو وڃي ٿو. ورلي، ربڙ کي ريسائيڪل ڪرڻ لاءِ ڳاري يا ذريون پرزيون ڪري نئين شين جو روپ ڏنو وڃي ٿو.

**پنو** ڪاٺي، ڪپهه ۽ اهڙن وڻن ٽڻن مان ناهيو وڃي ٿو جن ۾ گهڻو تاندورو ٿئي ٿو. پنو انهن چند وڪرن منجهان هڪ ٿئي ٿو جنهنکي خود ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو. تجارتي بنيادن تي پنو عام طور تي ڪارخانن ۾ ريسائيڪل ڪيو وڃي ٿو. پنو هٿ سان به ريسائيڪل ڪري منجهائنس شاندار شيون ناهي گهرن ۽ وڪڻڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

**جنهن مواد ۾ زهريلو مواد ٿئي ٿو** جهڙوڪ: ڪمپيوٽر، بئٽريون، اليڪترانڪ، رنگ، ڳار، جيتمار ۽ اهي ٿانو جن ۾ اهي رکيا وڃن ٿا تن کي ريسائيڪل ڪرڻ لاءِ خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو ته جيئن اهڙو ڪم ڪندڙ پورهيت انهن جي زهريلن ڪيميائي مادن ۾ وائڪا ٿي نه سگهن (ڏسو ص. 410 کان 411 ۽ 459 کان 462).

### پلاسٽڪ جي ريسائيڪل ڪرڻ جو مسئلو

جڏهن پلاسٽڪ کي ريسائيڪل ڪيو وڃي ٿو ته ان جو معيار گهٽجي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو پلاسٽڪ جي ڪنهن بوتل کي ريسائيڪل ڪري ان مان نئين بوتل ناهڻ بجاءِ ڪا گهٽ معياري شئي ناهي وڃي ٿي. سبب پلاسٽڪ رڳو چند ڀيرا ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ ناڪاره ٿي وڃي ٿي.



ڪن قسمن جي پلاسٽڪ ريسائيڪل ڪرڻ سان منجهائنس هڪ اهڙي زهريلي گئس خارج ٿئي ٿي جيڪا پورهيتن ۽ وسندين لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿي. اهڙي ڪيتري پلاسٽڪ جنهن کي ريسائيڪلڻ لاءِ سوچيو وڃي ٿو ڪڏن ۾ اڇلائي وڃي ٿي. انڪري پلاسٽڪ جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪرڻ بهتر سمجهيو وڃي ٿو.

## گند ڪچرو ميڙڻ، نيئڻ ۽ گدامڻ

جيڪڏهن توهانجي وسنديءَ ۾ گند ميڙڻ جي پوروسي جوڳي سهوليت موجود ناهي ته توهان مقامي سرڪار ۽ ڏنڊوڙين سان گڏجي هڪ اهڙي منظم ڪري سگهو ٿا. اهڙي رٿا رٿيندي اها ڳالهه به ذهن ۾ رکو ته ڪهڙو مواد ميڙيو، اهو ريسائيڪلنگ جي ڏنڊي ڪندڙن کي وڪرو ڪيو يا برادريءَ پاران هلندڙ ريسائيڪل جي پروگرام کي ڏنو ويندو.

گندڪچرو جيتري گهٽ پنڌ تي نيو ويندو اوترو بهتر ٿيندو. پر جيئن ته ڪيتريون برادريون مقامي طور تي گندڪچري کي ريسائيڪل نٿيون ڪري سگهن، تنهنڪري ان جا وڏيڪ اپاءَ به ڳولهڻ گهرجن.

### گندڪچري تيار ڪرڻ جا طريقا

گندڪچرو ميڙڻ، نيئڻ ۽ گدامڻ لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو انجو مدار هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته توهان وٽ ڪيتري جڳهه موجود آهي، اهو ڪير ڪندو، بيڪار مال ڪير خريد ڪندو ۽ اهو ڪهڙي استعمال ۾ آندو ويندو. بدبوءِ کان بچڻ ۽ بيمارين جي جيوڙن کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ اهڙو مال صاف سترو، خشڪ، سڌو يا سٽين جي صورت ۾ رکجي ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ جاءِ والاري ۽ ڪنهن حادثي ٿيڻ جي امڪان کي به گهٽائي سگهجي.

ڪمپيوٽرن، رئڊين ۽ ٽي وين جون ڪيتريون شيون وڪٽي يا ريسائيڪل ڪري سگهجن ٿيون. جڏهن ته انهن جو گهٽو حصو زهريلو ٿئي ٿو. تنهنڪري انهن جي پرزن ۽ حصن کي ڪيڏڻ يا ڇانٽي ڪرڻ لاءِ گهربل سکيا وٺڻ ۽ بچاءَ جي پوشاڪ پائڻ گهرجي (ڏسو ضميمو A) ۽ اهڙو ڪم سٺي هوادار هنڌ تي ڪجي. جڏهن ته سڀني قسمن جي زهريلن مادن جي ٽانون/ دٻن کي ڪٽڻ ڪرڻ لاءِ خاص طريقا استعمال ڪرڻ جي ضرورت ٿئي ٿي (ڏسو ص. 410 کان 411).

### گندڪچري ميڙيندڙن جي صحت ۽ سلامتي

گندڪچرو ميڙيندڙ صحت جي انهن سڀني مسئلن ۽ بيمارين جي خطري ۾ رهن ٿا جيڪي گندڪچري سان لاڳاپيل هجن ٿيون. اهڙي هاڃي کان بچڻ لاءِ گند ميڙيندڙ کي صحت جي مسئلن کان بچڻ لاءِ سکيا ڏيڻ جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ سمجهائڻو پوي ٿو ته ڪنهن مسئلي پيدا ٿيڻ جي حالت ۾ علاج لاءِ ڪيڏانهن وڃڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن گند ميڙيندڙ پاڻ ڪي ڪوآپريٽو يا ننڍين ڏنڌن ۾ منظم ڪن ته پنهنجا وسيلا هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ، سکيا ڏيڻ، سرڪاري يا ڪنهن ٻئي برادريءَ جي سهائتا ڪري پنهنجيءَ سلامتيءَ لاءِ اوزار/ مشينون خريد ڪرڻ ۽ اهڙي ڪم کي وڌ ۾ وڌ حد تائين سلامتيءَ وارو بڻائي سگهجي ٿو.






## برادريءَ پاران هڪ رسورس رڪوري سين

رسورس رڪوري سينٽر سڏجي ٿو هڪ اهڙي جاءِ ڪ
۾ ريسائيڪل ڪرڻ جوڳو مواد وڪري ۾ وري استع
ميڙيو ۾ چونديو وڃي ٿو. اهو هنڌ هڪ اهڙي جاءِ به
جتان برادري ڪمپوسٽنگ رٿا شروع ڪري سگهي
مارڪيٽي باغباني، پراڻي مال مان نيون شيون ٺاهي
ٿي ۾ ڪپڙن، پڙدن، مشينن /اوزارن، فرنيچر، جوتن،
شيشي جي بوتلن، ٿانون/ برتنن، عمارتي سامان
وغيره سان متاستا ڪري سگهي ٿي.




ماڻهو گڏجي سڏجي ڪنهن وسنديءَ کي رهڻ لاءِ هڪ شاندار جڳهه بڻائي سگهن ٿا.

## رسورس رڪوري سينٽر

فلپائين جي ڪيترين وسندين ۾ مقامي حڪومتن ۽ مدر ارٿ فائونڊيشن (Mother Earth Foundation) جهڙين تنظيمن رسورس رڪوري سينٽر قائم ڪيا آهن. اهڙن سينٽرن سبب سڄي ملڪ جي برادرين جو نهري غلاظت جي پروگرامن ۾ اتساهه پيدا ٿيو آهي ۽ نهري غلاظت اڪلائڻ لاءِ سڄي نظام کي تبديل ڪرڻ ۾ مدد ملي آهي.

گهروارن کي پنهنجي پنهنجي گندڪچري ڇانٽڻ ۽ اهڙي مواد کي صاف ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي ٿو جيڪو ٻيهر استعمال ۽ ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو. ڪيترين برادرين ته هڪ اهڙو قانون به پاس ڪيو آهي جنهن هيٺ ماڻهن کي ٻاهر گند جا ڍير گڏ ڪرڻ کان منع آهي ته جيئن بدبوءِ کي گهٽائي سگهجي.

ماٺو نامياتي گندڪچرو، گهرن ۾ بند ڏٻن ۾ رکن ٿا يا ڪامپوسٽ ڏٻن ۾ وجهن ٿا جن جو سڄي وسنديءَ ۾ بندوبست ڪيل آهي. روزانو رسورس رڪوري سينٽر جا ورڪر هڪ ٽه ڦيٿي گاڏي تي سڄي وسنديءَ جو چڪر هڻي نامياتي گندڪچرو، ريسائيڪل ٿيڻ جوڳيون شيون ۽ اڇلائڻ جهڙو گند گڏ ڪندا رهن ٿا. ورلي، ماڻهن کي سندن ريسائيڪل ٿيندڙ شين جو معاوضو به ڏنو وڃي ٿو. ايئن هر شئي رسورس رڪوري سينٽر آندي وڃي ٿي، جنهن جا مکيه 2 حصا ٿين ٿا:

- هڪ ماحولي باغ (ecological garden) جتي نامياتي مادو ڪامپوسٽ ڪري ان رستي سبزيون پوکجن ۽ اهي برادريءَ کي وڪرو ڪجن ٿيون.
- هڪ ماحولي گدام (eco_shed) جتي ريسائيڪل ٿيڻ جهڙيون شيون ڪباڙين، ريسائيڪل ڪندڙ ڪمپنين يا ڪارخانن کي وڪڻڻ کان اڳ ۾ صاف ڪيون وڃن ٿيون.

اهڙن ڪن مرڪزن ۾، ماڻهن کي ڪم تي لڳايو وڃي ٿو. جتي اهي پراڻي مال مان نيون شيون ناهين ٿا. جوس جي ڪارٽونن کي کولي سڌو ڪري سبي مال ڍوئڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. شيشي جي بوتلن مان گلاس ناهيا وڃن ٿا. پراڻين اخبارن جي ڪاتر ڪري انهن مان ٽوڪريون ۽ ٿيلهيون تيار ڪري صاف گلوءَ يا رال سان ڳنڍي مضبوط ۽ پائدار ڪيو وڃي ٿو. اهي شيون وڪرو ڪري حاصل ٿيندڙ آمدني، ناهيندڙن ۾ ورهائي ۽ رسورس رڪوري سينٽر هلائڻ تي خرچ ڪيو وڃي ٿو.




اهڙن سينٽرن پنهنجن وسندين جي گندڪچري جي مقدار ۾ ڊرامائي گهٽتائي آندي آهي. بدبودار گند جي ڍيرن ۾ رهڻ بجاءِ هاڻ اتان جا ماڻهو وري استعمال ٿيندڙ ۽ ريسائيڪل ٿيندڙ مال مان واڌو ڪمائي حاصل ڪن ٿا ۽ تهيل ڪامپوسٽ استعمال ڪري وڏيڪ ڀاڄيون اپائين ٿا.

# گندڪچرو سلامتيءَ سان اڪلائڻ

هر اها شئي جيڪا ٻيهر استعمال ۾ ريسائيڪل ڪري يا ڪامپوسٽ لاءِ ڪتب آڻي نٿي سگهجي، اها سلامتيءَ سان اڪلائڻ گهرجي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته، گند ڪچرو ساڙي ختم ڪري ڇڏڻ بهتر ٿئي ٿو. جڏهن ته، ڪي ان کي پورڻ پسند ڪن ٿا ته جيئن ساڙڻ سبب پيدا ٿيندڙ دونهين کان بچي سگهجي. جڏهن ته اصل ۾ انهن ٻنهي طريقن سان اڪلائڻ ۾ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿين ٿا.

جن هنڌن تي پنوءِ پاڻو ٻيهر استعمال، ريسائيڪل يا ڪامپوسٽ ڪري نٿو سگهجي اتي انهن جي ڪاٽر ڪري رڌپچاءَ ۾ گرمي حاصل ڪرڻ لاءِ ساڙي سگهجي ٿو. جڏهن ته، ٿوري پلاسٽڪ ۾ ربڙ جي ساڙڻ سان ڊاءِ آڪسن، فيوران، ۾ پي سي بيءَ جهڙا زهريلا ڪيميائي مادا خارج ٿي صحت جا اڪيچار مسئلا پيدا ڪن ٿا (ڏسو باب 16 ۾ ص. 423).




اهڙو گندڪچرو جنهن جو ٻئي ڪنهن به طريقي سان اڪلاءُ ٿي نه سگهي ان کي ننڍين کڏن يا سئنيٽري کڏن ۾ پوري سگهجي ٿو (ڏسو ص. 412). پورڻ لاءِ ڪنهن به اهڙي هنڌ جي چونڊ ڪجي جيڪو پاڻيءَ جي وسيلن کان پري هجي، هڪ ننڍي کڏ کوٽي، منجهس گندڪچرو وجهي مٽيءَ سان لٽي ڇڏجي.

جڏهن اهڙو گندڪچرو، جنهن ۾ هاڃيڪار ڪيميائي مادا هجن پورجي ته اهڙا ڪيميائي مادا سمي پيئڻ جي پاڻيءَ کي زهريلو ڪري ڇڏين ٿا. جيڪڏهن زهريلي گندڪچري جي اڪلاءَ جو ڪو سلامتيءَ وارو رستو موجود نه هجي (جهڙوڪ ناهيندڙ ڪمپنيءَ کي واپس ڪرڻ يا بي ضرر بنائڻ ته جيئن وڌيڪ زهريلو نه رهي) تڏهن بهتر ان کي سلامتيءَ سان ڪنهن سئنيٽري کڏ ۾ وجهي ڇڏجي.

## زهريليون غلاظتون

زهريليون غلاظتون (toxic wastes) سڀ اهڙي گندڪچري کي چئجي ٿو جنهن ۾ ڪيميائي مادا موجود ٿين ٿا ۽ اهي اسانجي صحت ۽ ماحول لاءِ انتهائي خطرناڪ ٿين ٿا (ڏسو باب 16).

زهريلي غلاظت کان بچاءَ جو بهترين اپاءُ انهن جو پيدا ئي نہ ڪرڻ آهي. سرڪار کي زهريليون شيون ٺاهڻ ۽ ٺهڻ جي طريقن تي بندش هڻڻ گهرجي. برادرين کي گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ زهريلين شين جي نعم البدلن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. مزدور يونينون، اهڙين شين جا نعم البدل استعمال ڪرڻ لاءِ ڪارخانن کي همٿائي سگهن ٿيون. جڏهن اهڙين شين کي هڪ هنڌ اچي گڏ ڪرڻ جو ڪو سولو مرڪز مقرر ڪجي تہ ان سان نہ تہ زمين تي غلاظت پکڙجي ٿي ۽ نہ ئي برادريءَ جي پاڻيءَ جا سنجڻ خراب ٿين ٿا.

(گهرن ۾ عام طور تي استعمال ٿيندڙ زهريلين غلاظتن جي نعم البدلن لاءِ ڏسو ص. 373. وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو باب 14، 16 ۽ 20)

### زهريلي غلاظت کي سلامتيءَ سان ڪٽڻ ۽ اڪلائڻ






زهريلن مادن وارن ٽانڪن ۽ ڊرمن کي ضايع ڪري ڇڏجي تہ جيئن ڪنهن بہ شئي خاص طور تي کاڌي ۽ پاڻيءَ لاءِ استعمال ٿي نہ سگهن.

جيئن تہ زهريلي غلاظت جو سلامتيءَ سان اڪلائڻ هڪ ڏکيو ۽ مهانگو ڪم ٿي سگهي ٿو تنهنڪري حڪومتن کي انهن جي استعمال، گدامڻ ۽ اڪلائڻ جي هدايتن تي عمل ڪرائڻ گهرجي. جنهن ۾ برادريءَ جي فردن کي اهڙيون شيون سلامتيءَ سان ڪٽڻ جي تعليم ۽ سکيا ڏيڻ بہ ٿئي ٿي. هت، زهريلي غلاظت کي خبرداريءَ سان ڪٽڻ لاءِ ڪجھ اهڙيون عملي هدايتون ڏجن ٿيون:

- زهريليون شيون کاڌي پيتي ۽ اناج کان پري يا اهڙن هنڌن تي گدامجن جتي ٻار انهن تائين رسي نہ سگهن.
- زهريلو مواد هميشہ پنهنجي اصلوڪن دٻن/ ٽانڪن ۾ رکجي ۽ انهن تي لڳل چتڪيون نہ لاهجن. ايئن ڪرڻ سان اهڙن دٻن/ ٽانڪن ۾ پاڻيءَ يا کاڌي پيتي/ اناج رکڻ کان بچاءُ ٿيندو.
- زهريلو گندڪچرو گهر جي باقي گند ۽ ٻهر کان الڳ رکجي.
- زهريلي غلاظت کي ڪڏهن بہ نہ ساڙجي! ڇاڪاڻ تہ ساڙڻ سان رک ۽ دونهين رستي ڪيميائي مادا پکڙجي ورلي، اجان بہ وڌيڪ خطرناڪ ڪيميائي مادا پيدا ڪن ٿا.
- زهريلا ڪيميائي مادا ڪاڪوسن، غسلخانن، کسين، واهن يا زمينن تي وهائڻ يا هارڻ نہ گهرجن.
- مقامي صحت اختيارين ۽ رسورس رڪوري سينٽر سان ملي ڪائنن زهريلي غلاظت کي سلامتيءَ سان اڪلائڻ جي طور طريقن بابت معلومات حاصل ڪجي.

## عام زهريلا مادا اڪلائڻ

جيڪڏهن اهڙن عام گهريلو مادن کي خبرداريءَ سان نہ ڪٽجي ۽ انهن جو سلامتيءَ سان اڪلاءُ نہ ڪجي تہ اهي خطرناڪ غلاظتون پيدا ڪن ٿا.

**رنگ ۽ رنگن جا دٻا.** رنگ جي بند دٻن کي ڪنهن ٿڌي هنڌ تي رکجي. جڏهن سڄو رنگ استعمال ڪري ڇڏجي تہ خالي دٻن کي سڏو ڪري، اخبار ۾ ويڙهي پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڪنهن سئنيٽري ڪڏي ۾ پوري ڇڏجي. رنگن ۾ لئٽيڪس (latex) قسم جو رنگ گهٽ زهريلو ٿئي ٿو تنهن هوندي بہ انجو اڪلاءُ ٻين رنگن جيان ئي ڪيو وڃي ٿو.

**ڳاريندڙ جهڙوڪ:** گريس ختم ڪندڙ، تارپين، رنگ لاهيندڙ. اهڙن ڳاريندڙن مادن کي هميشہ بند دٻن / بوتلن ۾ ڪنهن ٿڌي هنڌ تي رکجي تہ جيئن اهي پڙڪي نہ سگهن. جڏهن ڪو بہ اهڙو ڳار سڄو استعمال ڪري پورو ڪجي تہ ان جي دٻي کي ٽنگ ڪري ڇڏجي تہ جيئن ٻيهر استعمال ڪري نہ سگهجي. دٻي کي سڏو ڪري، اخبار ۾ ويڙهي، پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ وجهي ڪنهن سئنيٽري ڪڏي يا سيل ٿيل دٻي ۾ وجهي ڇڏجي.

**استعمال ٿيل موٽرگاڏين جو تيل.** ڪڏهن بہ تيل زمين تي نہ هارجي يا ڪنهن وهڪري ۾ وهائجي. پر هميشہ ڪنهن بند دٻي ۾ بند ڪري رکجي. ورلي، اهڙو استعمال ٿيل تيل، گاڏين جي سروس ڪندڙ ريسائيڪل ڪن ٿا. موٽرگاڏين جو استعمال ٿيل تيل گهرن جي ٿوڻين کي مک ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو تہ جيئن اهي زمين ۾ ڳري سڙي نہ سگهن يا ڪن هيٽرن ۾ تيل طور ٻاري سگهجي ٿو.

**بئٽريون.** ڪن هنڌن تي بئٽريون ريسائيڪل ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن تہ، هٿ سان بئٽرين جي ريسائيڪلنگ ڪرڻ خطرناڪ ٿئي ٿي، جيڪا گهربل سکيا وٺڻ ۽ بچاءَ جي اوزارن استعمال ڪرڻ کانسواءِ نہ ڪرڻ گهرجي.




هي عام جام استعمال ٿيندڙ وکر هاڃيڪار آهن، جيڪڏهن خبرداريءَ سان نہ ڪٽجن تہ هاڃيڪار غلاظتون ثابت ٿي سگهن ٿا.

**جيتمار دوائون.** جيتمار دوائن يا پيسٽيسائيڊن جي دٻن کي استعمال ڪرڻ کانپوءِ يا تہ سوراخ ڪري يا ضايع ڪري ڇڏجي تہ جيئن ٻيهر استعمال ڪري نہ سگهجن. انهن کي سئنيٽري ڪڏي ۾ پوري ڇڏجي. کيت يا گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ پيسٽيسائيڊ استعمال ڪرڻ بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو باب 15 ۾ ص. 367.

**صحت سنڀال دوران پيدا ٿيندڙ گندڪچرو جهڙوڪ:** رت هڻيون پٽيون، گنديون نيڊلون، تيز ۽ ڇهنبيارا اوزار ۽ بيڪار دوائون وغيره گهٽ ۾ گهٽ پيدا ڪرڻ، گڏ ڪري رکڻ ۽ بهتر طريقي سان ڪٽڻ ڪرڻ لاءِ ڏسو باب 19.

## سئنيٽري کڏا




سئنيٽري کڏو (sanitary landfill) سڏجي ٿو هڪ اهڙي کڏي کي جنهن جو ترو محفوظ ۽ اتي گند ڪچرو تهن جي صورت ۾ پوريو ۽ گڏيو (پيڙجي ٿو ته جيئن وڏيڪ نهرو ٿي سگهي) وڃي ٿو. سئنيٽري کڏي ۾ ميڙيل گند ڪچرو وچهڻ سان ان سبب پيدا ٿيندڙ خطرو گهٽجي وڃي ٿو ۽ ڪنهن به کليل گند جي ڍير کان وڌيڪ سلامتيءَ وارو ٿئي ٿو. جڏهن ته ڪو سئنيٽري کڏو ڪيترو به بهترين ڇو نه هجي آخر ڀرجي وڃي ٿو ۽ ڪيترن سالن کانپوءِ ممڪن آهي ته سمڻ لڳي ٿو. جڏهن ته اسانکي گندڪچري جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اڃان به ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته انجو شروعات ۾ ئي بچاءُ ڪجي.

جيئن ته اهڙن کڏن کي سئنيٽري کڏن ۾ مٽائڻ لاءِ ڪلتي ڏيڻ ڏکي ٿئي ٿي ان بجاءِ برادري چاهي ته هڪ نئون سئنيٽري کڏو ناهي ۽ پراڻي کي صاف ڪري اهو ڪنهن نئين هنڌ نيئي سگهي ٿي. هڪ سئنيٽري کڏو ڪنهن برادريءَ / وسنديءَ جو رکو تڏهن ئي بچاءُ ڪري سگهي ٿي جڏهن:

- اهو ماڻهن جي رهائشي هنڌن کان پري ناهجي
- انکي بيمارين پيدا ڪندڙ جانورن ۽ جيتن جي واڌ ويجهه ڪرڻ کان ڍڪي ڇڏجي
- انکي مٽيءَ يا پلاسٽڪ جو مضبوط ليپ يا استر ڏئي ڇڏجي ته جيئن ڪيميائي مادا ۽ جيوڙا جَر جي پاڻيءَ کي غليظ ڪري نه سگهن.

جيئن ته سئنيٽري کڏو ناهڻ ۽ ان جي سنڀال لهڻ هڪ ڏکيو ڪم ٿئي ٿو تنهنڪري عام طور تي ان تي برادريءَ، مقامي سرڪار ۽ ٻين تنظيمن جهڙوڪ: چرچن ۽ واپارين جي سهڪار سان گڏجي ڪرڻ گهرجي.

اهڙو کڏو ڪنهن وسنديءَ جي تڏهن ئي صحت بچائي سگهي ٿو جڏهن ان جي سٺيءَ طرح سان سنڀال ٿيندي رهي. سٺي سنڀال ۾ اهڙي کڏي تي ڪم ڪندڙن جي سکيا ۽ سهائتا ڪرڻ، رسورس رڪوري سينٽر، زهريلو گندڪچرو ميڙيندڙن ۽ مقامي سرڪار سان گڏجي ڪم ڪرڻ آهي.

### کڏي لاءِ ڪنهن هنڌ جي چونڊ ڪرڻ

اهڙي کڏي هٽڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ ڪنهن مناسب هنڌ جي چونڊ ڪرڻ آهي. ڪن هنڌن تي سرڪاري گهرجن موجب اهڙي کڏي ناهڻ کان اڳ ۾، ان هنڌ جو جائزو ونڻو پوي ٿو (اهڙي هنڌ جي پسگردائيءَ جي حالتن جو گهرو جائزو). جنهن جو مطلب ٿيو ته، اتي جي مٽيءَ ۽ جبل جي قسم، وڻن ٽڻن جي گوناگونيت، پاڻيءَ جي وسيلن ۽ گهرن کان مفاصلي جهڙين ڳالهين جو اڀياس ڪرڻو پوي ٿو. اها به پڪ ڪرڻي پوي ٿي ته اهو هنڌ ٻوڏ جي خطري ۾ نه ٿو رهي. صحت ۽ سلامتيءَ جي لحاظ کان کڏي جو اهڙو هنڌ گهٽ ۾ گهٽ:

- ساحلي پاڻيءَ کان 150 ميٽر
- تازي پاڻيءَ جهڙوڪ: واهڙ، وهڪري، تلاءَ يا ڍنڍ کان 250 ميٽر
- ڪنهن رکاڻ / تحفظ ڏنل ٻيلي کان 250 ميٽر
- گهرن، کوهن ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ کان 500 ميٽر ۽
- زلزلي جي حساس هنڌ (earthquake fault line) کان 500 ميٽر پري هجڻ گهرجي.

اهڙي کڏي جو ترو ڪنهن به مٿاهين کان مٿاهين جَر جي پاڻيءَ جي سطح کان گهٽ ۾ گهٽ 2 ميٽر مٿي هجڻ گهرجي.

## ڪڏو ٺاهڻ

ڪڏي جي سائيز ڪيتري هجڻ گهرجي ان جو مدار هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته منجهس ڪيترو گندڪچرو پورڻو آهي. اهڙا سپ ڪڏا منهن جي پيٽ ۾ تري وٽ سوڙها هجڻ گهرجن ته جيئن ڊهي نه پون. ڪڏي جي اهڙي ڊول هجڻ سبب گند پيڪوڙيو به رهندو ڇو ته مٽان ڪان وڌيڪ زور پوندو رهندس.

ڪڏي جي در تي اهڙو وقت لکي ڇڏڻ ته اهو ڪڏهن کليل رهي ٿو ان سان اتي ڪم ڪندڙن کي اها ڳالهه ڏسڻ ۾ بهتري ٿئي ٿي ته منجهس ڪهڙي قسم جو گند. ڪڏهن ۾ ڪيئن اڇلايو وڃي ٿو.

### هڪ سٺو ٺهيل ۽ سٺو سانڀاهيل ڪڏو




**اهڙي استر جا 3 تهه ٿين ٿا:**



- مٿيون تهه 1 ميٽر ڳتيل مٽي
- وچون تهه ½ ميٽر بجري
- تري وارو تهه، گهٽ ۾ گهٽ 1 ميٽر چيڪي مٽي.

### ڪڏي کي پلستر ڪرڻ

جَر جي پاڻيءَ بچائڻ لاءِ اهڙي ڪڏي جي تري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ليپو ڏيڻو پوي ٿو. سٺي ۽ مضبوط ليپي لاءِ مٽي، بجري، چيڪي مٽي استعمال ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن سخت مٽيءَ واري هنڌ تي اهڙو ڪڏو ٺاهڻ سولو ٿئي ٿو.

جيڪڏهن سٺي پلستر ڪري سگهڻ جا وسيلا موجود هجن ته پلاسٽڪ جي ٿلهي شيٽ، ۽ ٿلهي ڪپڙي سان وڌيڪ بچاءَ ٿيندو ۽ پائيپن ۽ پمپ جي سرشتي جوڙڻ سان پاڻيون خارج ڪري سگهبيون.

## ڪڏو پرڻ

توهان جنهن طريقي سان ڪڏو پريو ٿا، ان جو مدار گندڪچري جي مقدار، ماڻهن جي ڪم ڪرڻ جي وقت ۾ مقامي آبهوا تي ٿئي ٿو.

اهڙا هنڌ جتي گهڻو وسڪارو ۾ ٿورڙو گندڪچرو ٿئي ٿو مثال طور، شهر جتي نہ جهڙو گندڪچرو پيدا ٿئي ٿو (ڏسو ص. 416) اتي توهان هر هفتي يا هر مهيني هڪ نئون ڪڏو کوٽي ان کي مٽي ۾ بجريءَ جو پلستر ڪري سگهو ٿا. ڪو نہ ڪو فرد گندڪچري آڻڻ، ڪڏي پرڻ، گند پيڪوڙڻ ۾ مٽيءَ سان لٽڻ جي ذميواري کڻي ٿو. گند ڪچرو ٿورو ٿورو ڪري پرڻ سان ڪڏي ۾ پاڻي گڏ ٿيڻ کان بچاءُ ٿئي ٿو.

پر ڪنهن وڏي وسنديءَ ۾ جتي گهڻو گند ڪچرو گڏ ٿيندو رهي ٿو اتي هڪ وڏو ڪڏو کوٽڻ بهتر ٿئي ٿو. ڪڏي تي ڪم ڪندڙ جيئن ئي نئون گند اچي ٿو ڪڏي ۾ لاهي ڇڏين ٿا. گند لاهڻ کانپوءِ ان کي پيڪوڙي سڌو ڪري وڏن پنن (جهڙوڪ: ڪجيءَ، ڪيلي) ۾ مٽيءَ جي تهہ يا مٽي، رک ۾ واريءَ سان ڍڪي ڇڏجي ٿو. اهڙي تهہ ڏيڻ سان بدبوءِ نٿي ٿئي ۾ جيت بہ واڌ ڪري نٿا سگهن. ڪڏي مٿان هڪ ڪشادي ڇت ٺاهي ڇڏبي تہ مينهن کان بہ بچاءُ ٿيندو.

### ڪڏو ڍڪڻ

جڏهن ڪڏو پرجي وڃي تہ ان کي، مٽيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ 90 س.م تهہ سان لٽي ڇڏجي. ان جي مٿان جهنگلي گاهہ ۾ گل بہ پوکي سگهجن ٿا پر نہ کي اهڙا ٻوٽا يا ميوا جيڪي کاڌي طور استعمال ڪجن ٿا. جيسيتائين اهڙو ڪڏو مڪمل طور تي ٻوٽن يا ساوڪ سان ڍڪجي نٿو وڃي، تيسيتائين اتي جانورن کي چرڻ نہ ڏيڻ بهتر ٿئي ٿو.



ڪڏي جي مڪمل طور تي ساوڪ سان ڍڪجي وڃڻ ۾ سٺي سنڀال لهڻ سان وڏيڪ سائو ۾ دلڪش هنڌ ٿي پوي ٿو.

## سئنيٽري ڪڏي جا مسئلا

جنهن ڪڏي کي گندڪچري سان پري مٽيءَ سان لٽيو ويجي ٿو تنهن کي سواءِ ڪن چند مسئلن جي سنيءَ طرح سان قائم رکي سگهجي ٿو. پر جي منجهس پاڻيٺي غلاظت ۽ گئس (ميٿئن) گڏ ٿيڻ شروع ٿئي تہ ڪي مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو.

### پاڻيٺي غلاظت (leachate)

جيڪڏهن گند جي ڪڏ ۾ مينهن جو پاڻي گڏ ٿيندو رهي تہ هڪ اهڙي ڪني ۽ بدبودار غلاظت پيدا ٿئي ٿي جيڪا گندڪچري جا زهر، جَر جي پاڻيءَ تائين رسائيندي رهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو اهڙي ڪڏي کي سنو پلستر ڪيو ۽ ڪنهن بہ نديءَ، واهڙ يا ڍنڍ کان پري ٺاهيو ويجي ٿو.

اهڙي ڪڏي کي سمڻ کان بچائڻ جو بهترين طريقو چٽ يا پلاسٽڪ سان تيسيتائين ڍڪي ڇڏڻ بهتر ٿئي ٿو جيسيتائين بند نٿو ڪيو وڃي.

### خطرناڪ گئس

اهڙن ڪڏن ۾ جيئن تہ گاڏڙ گندڪچرو ٿئي ٿو تنهنڪري منجهس بئڪٽيريا پيدا ٿي ميٿئن گئس خارج ڪرڻ شروع ڪري ٿي. ميٿئن گئس لاءِ جيڪڏهن خبردار نہ ٿجي تہ اها پڙڪو ڪائي يا باهہ لڳي سگهيس ٿي تہ عالمي تپش بہ پيدا ڪري ٿي (ڏسو ص. 33). گهڻن هنڌن تي اهڙن ڪڏن جي ميٿئن گئس بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن توهان وٽ ايئن ڪري سگهڻ جا وسيلا موجود ناهن تہ پوءِ بهتر، ميٿئن کي خارج ٿيڻ جي راهہ ڏيڻ آهي. ميٿئن گئس خارج ٿيڻ لاءِ رڳو ننڍڙن پٿرن جي هڪ اهڙي گول يا هم چورس چمني ٺاهڻي ۽ انجي چوگرد جاري هٽڻي پوي ٿي يا چاهيو تہ
تري وارو ڊرم بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. وڏن
چمنيءَ جي اوچائي بہ وڌائڻي پوي ٿي. ڪنهن
چمنين هٽڻ جي ضرورت آهي ان جو مدار
سائيز ۽ منجهس موجود گندڪچري جي
قسم تي ٿئي ٿو.



ڪڏي ۾ گئس جو خارج ٿيڻ

جنهن ڪڏي کي ڍڪيو ويو آهي ۽ مٿس گاهہ ۽
ٻوٽا ڦٽي رهيا آهن، ممڪن آهي تہ پوءِ بہ ميٿئ
خارج ڪندو هجي. جيڪڏهن ڪڏي تي سڪ
ٽڪرا خاص طور تي گول جي صورت ۾ نظر ا
مان ميٿئن گئس خارج ٿيڻ جي نشاني ٿئي ٿ
ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ اهڙا نشان ڪري ڇڏيو تہ جيئن اهي اهڙي هنڌ کان گهٽ ۾ گهٽ 10 ميٽر پري رهن جو ممڪن آهي تہ اتفاقاً ڪو ڌماڪو ٿي پوي. ماهرن کي اهڙو ڪڏو چڪاسي ڌماڪي کان بچڻ لاءِ ڪو بهتر فيصلو ڪرڻ گهرجي.

## پڙيءَ برابر گند ڪچرو پيدا ڪرڻ

سڄيءَ دنيا جون برادريون اهڙا طريقا ڳولهي رهيون ته جيئن، گندڪچرو نه هجڻ جيترو ءِ اڳتي هلي پڙيءَ برابر پيدا ڪري سگهجي. پڙيءَ جيتري گندڪچري جو مقصد ٿيو گندڪچرو گهٽائڻ ۽ باقي بچيل، ريسائيڪلڻ رستي قدرتي سرشتن يا مارڪيٽ ۾ اهڙن نمونن ۾ واپس ڪرڻ جنهن سان صحت ۽ ماحول جو بچاءُ ٿي سگهي.

پڙيءَ برابر گندڪچري جي مقصد ماڻڻ لاءِ صنعتن کي اهڙين شين جي گهٽ پيداوار يا اهي بنهه نه ناهڻيون پونديون جيڪي رڳو هڪ دفعو استعمال ڪري سگهجن ٿيون. جهڙوڪ پلاسٽڪ. شهر ۽ ڳوٺ نهري غلاظت اکلائڻ لاءِ ڪامپوسٽ ۽ ريسائيڪل جا پروگرام تيار ڪري گندڪچرو گهٽائي سگهن ٿا. اهڙي رٿا ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ اهڙن ماڻهن کي اوس شامل ڪرڻو پوندو جيڪي گندڪچري سبب وڌ ۾ وڌ متاثر ٿين ٿا (پڙيءَ برابر گندڪچري جي وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ذريعا).

### نهري غلاظت گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ سوڀارو ٿيندڙ ڳوٺ

ڏکڻ انڊيا جو هڪ دلڪش ساحلي شهر ڪووالام (Kovalam) سياحن سبب گهڻو مشهور آهي. پر هڪ وقت اهڙو به آيو جو هن شهر مان سياحت جهڙوڪر ختم ٿي ويئي جنهن جو سبب تمام گهڻي گند ۽ ڪن ڦٽ جو هجڻ هيو.
30 سالن جي سياحت دوران ڪووالام ۾ ڪڏهن به گندڪچري اکلائڻ جو ڪو سٺو انتظام موجود نه رهيو. نه ته گندڪچري گڏ ڪرڻ جا دٻا، نه ريسائيڪل ڪرڻ جو ڪو پروگرام ته ڪامپوسٽ جي به مڙيوئي استعمال سبب هزارين سياحن سالن لاڪر ايندي ويندي سڄي ڪووالام کي هڪ گندي شهر ۾ مٽائي ڇڏيو. پلاسٽڪ جي ٿيلهين سڄي شهر جي پاڻيءَ جي پائيپن کي بنجي ڇڏيو گند جي ڍيرن تي مڇرن جا مڻ واڌ ويجهه ڪندڙ هيا ۽ آهستي آهستي شهر بدصورت ۽ بيمار ٿيندو پئي ويو.
مقامي سرڪار جي عملدارن گندڪچري ميڙڻ ۽ ان کي ساڙڻ لاءِ هڪ انسينريٽر هڻڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن تي گهڻن ماڻهن اعتراض ڪيو ته گند ساڙڻ سان ڪچرو، زهريلي رک ۽ دونهين ۾ تبديل ٿي سڄي هوا زهريلي ڪري ڇڏيندو. گهڻيءَ سوچ ويچار کان پوءِ انسينريٽر نه هڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اعتراض واريندڙن کي ان جي نعم البدل جي صلاح ڏيڻ لاءِ چيو ويو.
ٿانل ڪنزرويشن گروپ (Thanal Conservation Group) نالي هڪ تنظيم جي اڳواڻيءَ ۾ برادريءَ، زيرو ويسٽ پروگرام جي تجويز ڏني. ٻين ڪيترين برادرين جي ماڻهن به ان پروگرام ۾ پنهنجيون صلاحون ڏنيون. هڪ عورت نالي مُرالي (Murali) ڪين ٻڌايو ۽ ڏيکاريو ته هوءَ ڪيئن نه بيڪار ۽ اڇلايل ناريل جي کوپن، پنن ۽ ردي پني مان پيالا، ڪوپ، چمچا ۽ ٿيلهين سميت اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڪارائتيون شيون ناهي وڪڻي پئسا ڪمائي ٿي. ڪامپوسٽ جي ڪم کي زور وٺائيندي ۽ بيڪار شين کي ٻيهر استعمال ڪرڻ جا نوان طريقا متعارف ڪرائيندي زيرو ويسٽ جو ڪووالام ۾ بنياد پيو.
رڳو ڪجهه سالن اندر، ڪووالام هڪ صاف سٿري ۽ خوبصورت شهر ۾ متجي اڳي کان گهڻو خوشحال ٿيندو ويو. هاڻ، هن شهر ۾ سيلانين کي موهت ڪرڻ لاءِ هڪ نئين دلڪشي پيدا ٿي آهي جيڪا آهي: زيرو ويسٽ سينٽر. هاڻ، اتي ڪيترن ئي ريسٽورانٽن ۾ ناريل جي کوپن مان ڪوپ ۽ پنن مان ٺهيل پليٽون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. زيرو ويسٽ سينٽر تي ڪم ڪندڙ عورتون ڪامپوسٽ رستي زرخيز ٿيندڙ زمين ۾ سبزيون ۽ ڪيلن جي پوکي ڪن ٿيون ته شهر ۾ هڪ اهڙو به بجلي گهر آهي جيڪو انساني ڪرفتي ۽ جانورن جي ڇيڻي مان بجلي پيدا ڪري ٿو.
هاڻ، ڪووالام نه رڳو سڄيءَ انڊيا پر دنيا لاءِ به هڪ مثال ٿي پيو آهي ته ڪيئن نه زيرو ويسٽ حاصل ڪري سڄي وسنديءَ جي صحت سڌاري، قدرتي حسن وڌائي ماحول سميت ايندڙن نسلن کي به بچائي سگهجي ٿو.

## گندڪچرو ۽ قانون

ڪيترين حڪومتن وٽ گندڪچري اڪلائڻ جون رٿائون ۽ رهنما اصول موجود آهن. ان سلسلي ۾ برادريءَ جو هڪ اهم مقصد اها پڪ ڪرڻ آهي ته اهي رٿائون انسانن جي صحت ۽ ماحول جو بچاءُ ڪندڙ آهن ۽ پيو هي به ته، جيڪڏهن ناهن ته انهن ۾ تبديلي آڻجي.

### فلپائين انسينريٽر کي غيرقانوني قرار ڏئي ۽ گندڪچري جا قانون سخت ڪري ٿو

فلپائين ۾ ڪيترن سالن تائين گندڪچرو يا ته ڍيرن جي صورت ۾ گڏ ڪيو يا ساڙيو ويندو هو. جيسيتائين وڏندڙ گندڪچري سبب غلاظت خراب کان خراب تر ٿيندي نه ويئي تيسيتائين برادرين اک نه پٽي ۽ سرڪار تي گند ساڙڻ تي بندش وجهڻ، ريسائيڪلنگ جو پروگرام شروع ڪرڻ ۽ ڪليل هنڌن تي گند جا ڍير اڇلائڻ تي پابندي هٽڻ لاءِ دٻاءُ وڌو.

اها مهم، 1985 ۾ هڪ تعليمي پروگرام سميت شروع ڪئي ويئي. سرگرم ڪارڪنن سڄي ملڪ ۾ برادرين کي، گندڪچري نه پيدا ڪرڻ جي بهترين طريقن بابت تعليم ڏني. هنن ماڻهن کي سيکاريو سمجهايو ته گندڪچرو ڪيئن نه گهٽائي، ڇانٽي ڪري ان مان ڪامپوسٽ ٺاهي، وري استعمال يا ريسائيڪل ڪري سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ هنن هر پيشي جي ماڻهن، هارين نارين، سياستدانن ۽ پادرين وغيره کي مدعو ڪيو ۽ ڪين گڏجي سڏجي پنهنجين پنهنجين وسندين ۾ گندڪچري گهٽائڻ لاءِ سمجهايو.

ساڳئي وقت هنن برادرين ۽ سرڪاري عملدارن کي گندڪچري ساڙڻ سبب پيدا ٿيندڙ زهريلي غلاظت بابت سمجهايو ۽ ڏيکاريو ته گند ساڙڻ سبب پيدا ٿيندڙ غلاظت ڪيئن نه آنن ۽ کاڌ خوراڪ جي عام شين تائين رسي وڃي ٿي.

سندن حڪومت تي وڌل دٻاءَ تڏهن ڪامياب ٿيو جڏهن 1999 ۾ سرڪار، انسينريشن تي بندش هنئي ۽ موٽ ۾ هڪ نئون، صاف هوا جو قانون (clean air act) متعارف ڪرايو. ساڳيءَ سرڪار، سال 2000 ۾ ريسائيڪلنگ جو هڪ پروگرام شروع ڪيو ۽ عام گند جي ڍيرن کي سئنيٽري ڪڏي ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ قانون پاس ڪيو. سال 2001 ۾ سرڪار، اِڪلاجيڪل ويسٽ مئنجمنٽ ائڪٽ (Ecological Waste Management Act) پاس ڪيو جنهن هيٺ ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رسورس رِڪوري سينٽر قائم ٿيا. سرگرم ڪارڪن اجان تائين پنهنجيون ڪاوشون ڪندا رهن ٿا ته جيئن، اها پڪ ڪري سگهجي ته انهن لاءِ قانون فائديمند ٿي سگهن جيڪي وڌ ۾ وڌ متاثر ٿيندڙ آهن يعني جيڪي ماڻهو گندڪچرو ميڙيندا، ڇانٽيندا ۽ ريسائيڪل ڪندا رهن ٿا.

هن قسم جا قانون، اهڙن معيارن مقرر ڪرڻ لاءِ ضروري آهن ته گندڪچرو ڪيئن ڪنيو وڃي ٿو. جڏهن ماڻهو پنهنجي پنهنجي گندڪچري ۽ ٻُهر جي ذميواري کڻن ۽ قانون ٺاهيندڙن تي قانون ٺاهڻ ۽ انهن تي سچائي سان عمل ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهن تڏهن ئي هرهڪ کي فائدو ٿي سگهي ٿو.

